Website: dailysukaarkarachi.com

سائينس سدائين ڪرين مٿي سنڌ سُڪار (شاهه)

ABC CERTIFIED

رجسٽرڊ نمبر SS-1245

DAILY SUKAAR KARACHI

روزاني سُڪار ڪراچي

چيف ايڊيٽر: شفيق احمد پيرزادو

جلد (20) | سومر 12 مئي 2025ع بمطابق 14 ذوالقعد 1446 هجري (شمارو نمبر 64) قيمت 10 رپيا

”ڪشمير مسئلو حل ڪنداسين“: ٽرمپ جي خواهش جي وزيراعظم شهباز شريف آجيان ڪري ڇڏي

پاڪستان ۽ ڀارت سان گڏجي ڪم ڪندس ۽ ڏسندس تہ ڇا هزارين سالن کان اٽڪيل ڪشمير مسئلي جو ڪو حل نڪري سگهي ٿو: ٽرمپ

ڀارت ۽ پاڪستان جي مضبوط قيادت تي تمام گهڻو فخر محسوس ڪيان ٿو، ٻنهي ملڪن جي قيادت دانشمنديءَ جو مظاهرو ڪيو

مون کي فخر آهي تہ آمريڪا توهان کي ان تاريخي ۽ شاندار فيصلي تائين پهچائڻ ۾ مدد فراهم ڪري سگهيو: آمريڪي صدر

ٻنهي عظيم قومن سان واپار کي هٿي ڏيندس: ٽرمپ پاڪستان ۽ ڀارت سان واپاري لاڳاپا وڌائڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو: ٽرٿ سوشل تي جاري ڪيل پوسٽ

آمريڪي صدر جي قيادت ۽ عالمي امن لاءِ سندس عزم تي تمام گهڻو ٿورائتو آهيان ۽ صدر ٽرمپ جي آڇ کي ڏکڻ ايشيا ۾ پائيدار امن جي قيام لاءِ اهم سمجهان ٿو: وزيراعظم

پاڪستان ۽ آمريڪا امن ۽ سلامتي لاءِ گڏجي ڪم ڪندا رهيا آهن، صدر ٽرمپ جي قيادت ۾ پاڪستان کي هڪ مضبوط پائيدار مليو آهي: شهباز شريف

واشنگٽن (م ڊ) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ڪشمير مسئلو حل ڪرڻ جي خواهش ظاهر ڪري ڇڏي، پنهنجي سوشل ميڊيا پليٽ فارم ٽرٿ سوشل تي هڪ پوسٽ ۾ ڊونلڊ ٽرمپ لکيو تہ پاڪستان ۽ ڀارت سان گڏجي ڪم ڪندس ۽ ڏسندس تہ ڇا هزارين سالن کانپوءِ ڪشمير مسئلي جو ڪو حل نڪري سگهي ٿو ڪشمير مسئلي جي حل / ڏسو صفحو 2 بقايا 02

پاڪ فوج، فضائيه سان گڏ ڀارتي جهازن جي تباهي جا ثبوت وائکا ڪري ڇڏيا

ڊي جي آءِ ايس پي آر 9 مئي 2025ع تي گڏيل پريس ڪانفرنس ۾ عالمي ميڊيا جي سامهون ڀارتي ڪوڙ جو پردو فاش ڪري ڇڏيو، 6 ۽ 7 مئي جي رات پاڪ فضائيه ۽ ڀارتي جهازن وچ ۾ تاريخ جو ڊگهو مقابلو قرار

هڪ ڪلاڪ کان وڌيڪ وقت تي ٻڌل اُنهي فضائي جنگ جي دوران پاڪ فضائيه جي شاهينن 5 ڀارتي جهاز ڪيرايا، تباهه ڪيل ڀارتي جهازن ۾ 3 جديد رافيل جهاز، 1 مگ 29 ۽ هڪ ايس يو 30 شامل هئا: ڊي جي آءِ ايس پي آر

ڀارت روايتي هٺ ڌرمي ۽ ڪوڙ جو سهارو وٺندي جهاز ڪيرائڻ جي خبر کان انڪار ڪيو، ڪجهه ڀارتي ميڊيا چينلز جهاز ڪرڻ وارين خبرن جي تصديق ڪئي جيڪا بعد ۾ مودي سرڪار هٽرائي ڇڏي:

ڀارتي صحافي پراوين سواهني بہ 6 ۽ 7 مئي جي رات جمون، ڪشمير ۾ ڀارتي فضائيه جي 3 جيٽ جهازن جي تباهي جون شاهديون ڏنيون

پراوين سواهني چيو تہ انڊين ايڪسپريس ۽ دي هندو اخبار ٻهٺڊا جي پرسان هڪ ٻئي ڀارتي جهاز ڪرڻ جي خبر ڏني، دي هندو چينل 40 منٽن کان پوءِ ٻهٺڊا پرسان جهاز ڪرڻ جي خبر کي هٽائي ڇڏيو

ڊي جي آءِ ايس پي آر ۽ سينيئر ايئرفورس آفيسر گڏيل پريس ڪانفرنس ۾ ڀارتي رافيل جهاز ڪيرائڻ جا ترديد نہ ٿيڻ جوڳا ثبوت پيش ڪيا، ثبوتن ۾ ڀارتي جهازن جا نمبر ۽ تباهه ٿيڻ جي لوڪيشن بہ ڏيکاري وئي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ/ م ڊ) پاڪ فضائيه جي زبردست جوابي ڪارروائي کان پوءِ ڀارتي جهازن جي تباهي جون شاهديون بہ سامهون اچي ويون آهن. ڊي جي آءِ ايس پي آر 9 مئي 2025ع تي گڏيل پريس ڪانفرنس ۾ عالمي ميڊيا جي سامهون ڀارتي ڪوڙ جو پردو فاش ڪري ڇڏيو، تفصيل موجب 6 ۽ 7 مئي 2025 جي رات پاڪ فضائيه ۽ ڀارتي جهازن / ڏسو صفحو 2 بقايا 01

سنڌ جي گورنر پاران آرمي چيف جنرل حافظ سيد عاصم منير فاتح جنرل قرار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گورنر سنڌ ڪامران خان ٽيسوري خاص مهمان طور دفاع / ڏسو صفحو 2 بقايا 03

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف قوم کي خطاب ڪري رهيو آهي

پاڪستاني پاران فنڪارن بہ ڀارت سان جنگبندي جي آجيان

لاهور (م ڊ) پاڪستاني فنڪارن بہ پاڪستان ۽ ڀارت وچ ۾ ٿيندڙ جنگبندي / ڏسو صفحو 2 بقايا 04

رب جي راهه ۾ قطارون ٻڌي وڙهڻ وارائي ان کي پسند آهن: وزيراعظم

پاڪستاني قوم کي مبارڪباد ڏيان ٿو، غيرت مند پاڪستانين کي دل جي گهراين سان سلام پيش ڪريان ٿو

جڏهن ڪو اسان جي خودمختياري کي للڪاريندو تہ اسان پنهنجو دفاع ڪندي رڪ جي ڀت بڻجي دشمن تي غالب ايندا آهيون

پاڪستان جي شاهينن ڪجهه ئي ڪلاڪن ۾ ڀارتي فوج جي توپن کي چپ ڪرائي ڇڏيو

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) وزيراعظم شهباز شريف چيو تہ الله انهن ماڻهن کي پسند ڪري ٿو جيڪي سندس راهه ۾ قطارون ٻڌي وڙهن ٿا، اڄ مان سڄي پاڪستاني قوم کي مبارڪباد ڏيان ٿو غيرت مند پاڪستانين کي دل جي گهراين سان سلام پيش ڪريان ٿو اسان دنيا تي ثابت ڪري ڇڏيو آهي تہ پاڪستاني / ڏسو صفحو 2 بقايا 09

”جنگ ۾ نقصان ٿيندو آهي“ ڀارتي فوج پاران رافيل جهاز جي تباهي جي تصديق

نقصان بابت ڪو تبصرو نہ ڪندس، دشمن کي فائدو ٿيندو: ايئر مارشل اي ڪي ڀارتي

رڳو ايترو چوندس تہ اسان پنهنجا هدف حاصل ڪيا، سمورا پائلٽ حفاظت سان واپس آيا

نئين دهلي (م ڊ) ڀارتي فضائيه جي ايئر مارشل اوڌيش ڪمار يعني اي ڪي ڀارتي تصديق ڪئي آهي تہ پاڪستاني ايئرفورس / ڏسو صفحو 2 بقايا 13

راولپنڊي: ڊي جي آءِ ايس پي آر نيوي ۽ فضائيه جي قيادت سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي

پاڪستان جي سلامتي ۽ خودمختاري جي حمايت جاري رکنداسين: چين جو اعلان

چين جي پرڏيهي وزير وانگ زي پرڏيهي وزير اسحاق ڊار سان ٽيليفونڪ رابطو، حمايت جي خاطري

پاڪستان جي سالميت ۽ خودمختاري جي حمايت جاري رکنداسين: چين پاران جنگبندي لاءِ مشاورت ۽ سفارتي حل تي زور

جنگ ڀارت جي چونڊ نہ هئي، ڀارت ۽ پاڪستان جنگبندي لاءِ پرعزم آهن، دهشتگردي جي مخالفت ڪريون ٿا

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) چين جي پرڏيهي وزير وانگ زي پرڏيهي وزير اسحاق ڊار سان ٽيليفون تي ڳالهيون ڪندي پاڪستان ۽ ڀارت کان دير تائين جنگبندي جي لاءِ مشاورت ۽ سفارتي حل تي زور ڏنو آهي / ڏسو صفحو 2 بقايا 05

اڄ قومي وحدت ۽ شڪرانو ادا ڪرڻ وارو فتح جو ڏينهن آهي: مريم نواز

مريم نوازشريف وزيراعظم شهباز شريف جي يوم تشڪر ملهائڻ جي فيصلي جي آجيان

رب پاڪ جي شڪر گذار آهيان تہ دشمن جي ناپاڪ ارادن کي خاڪ ۾ ملائي ڇڏيو: پنجاب جي وزيراعليٰ

پاڪستان جو دفاع نہ وسارڻ جوڳو آهي، دنيا ڏسي ورتو تہ پاڪستان پنهنجي دفاع ۾ هڪ قدم پوئتي نہ هٽندو

لاهور (م ڊ) پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نوازچيو آهي تہ اڄ غيرت، جرئت ۽ قومي وحدت جي فتح جو ڏينهن آهي مريم نوازشريف وزيراعظم شهباز شريف جي يوم تشڪر ملهائڻ جي فيصلي جي آجيان / ڏسو صفحو 2 بقايا 06

جوابي دفاعي ڪارروائي سان هندستان جي غرور ۽ طاقت کي مٽي ۾ ملايوسين: خواجہ آصف

هندستان سوچيو تہ شايد پاڪستان کي رڳو وڌي پنهنجي شرطن تي آڻيندو پر اها سوچ ڪيس ڪنڌ ڀڃي ويو

اسان جنگ جي رفتار کي وڌائي سگهون ٿا، پر اسان جنگ تي بريڪ لڳائڻ جو آپشن پيش ڪيو: وفاقي دفاعي وزير

هندستان جي ساک تي سوال اٿاريا ويا آهن، جيڪڏهن ڳالهيون جاري رهيون تہ ان مان نڪرڻ جا طريقا نڪرندا

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) دفاع واري وزير خواجہ آصف جو چوڻ آهي تہ پاڪستاني هٿياربند فوجن جي جوابي دفاعي ڪارروائي هندستان جي طاقت کي مٽي ۾ ملائي / ڏسو صفحو 2 بقايا 10

اسلام آباد: بچاءُ واري وزير خواجہ آصف تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

پاڪستان جو ڀارت خلاف سائبر حملو سڀ کان وڏو حملو قرار

جمعي جي رات وزيراعظم جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ هندستان خلاف جوابي آپريشن جي منظوري ڏني وئي

حڪمت عملي جي پروان غير معمولي منصوبابندي ۽ قيادت ۽ فوج جي ايمان جي جذبي جو ميلاپ هو

آپريشن جي نالي کان وٺي حملن تائين هر قدم ۾ اسلامي اصولن تي عمل ڪيو ويو: سيڪيورٽي ذريعا

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) سول ۽ فوجي قيادت جي اعليٰ سطحن تي منظور ٿيل هڪ محتاط پر مربوط فوجي آپريشن ۾، پاڪستان / ڏسو صفحو 2 بقايا 08

”اسان سان بہ صلاح ڪريو“، پي ٽي آءِ ڀارت سان سيزفائر کي پاڻ ڏانهن موڙي ڇڏيو

قوم سياسي ۽ ذاتي مفادن کان اڳتي وڌي ڪري ڀارت کي جواب ڏنو آهي: پي ٽي آءِ چيئرمين

سڄي دنيا پاڪستان جي ڀارت کي جواب ڏسي چڪي، مستقبل ۾ جارحيت جو اهڙو ئي سخت جواب ملندو

جيڪڏهن ڀارت سان جنگ بندي ٿي سگهي ٿي تہ پوءِ پي ٽي آءِ سان بہ سياسي جنگ بندي ٿيڻ گهرجي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پي ٽي آءِ چيئرمين بئريسٽر گوهر خان جو چوڻ آهي تہ جيڪڏهن ڀارت سان جنگ بندي ٿي سگهي ٿي تہ پوءِ پي ٽي آءِ سان بہ سياسي جنگ بندي ٿيڻ گهرجي، تنهن تي وي / ڏسو صفحو 2 بقايا 11

ڀارتي ميڊيا پاڪ-ڀارت جنگبندي جي اعلان تي ٽرمپ تي چڙي پئي

آمريڪي صدر پنهنجي حدن کان اڳتي نڪري ويو آهي: ڀارتي اينڪر ارنب گوسوامي

جڏهن ڀارت آمريڪي ثالثي قبول ئي نہ ڪئي تہ پوءِ ٽرمپ ڪهڙي بنياد تي جنگبندي جو اعلان ڪيو

آمريڪي صدر کي زميني حقيقتن جو شعور ئي نہ آهي، مون کي ان اعلان تي اعتراض آهي

ڪجهه ڏينهن اڳ هُو چئي رهيو هو تہ ان جو هن تڪرار سان ڪو واسطو ئي ناهي، اسان جو چينل سندس بيان نہ هلائيندو

نئين دهلي (م ڊ) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ پاران پاڪستان ۽ ڀارت جي وچ ۾ جنگبندي / ڏسو صفحو 2 بقايا 07

بلاول ڀٽو پاران ڀارت کي ڳالهين جي ميز تي آڻڻ پاڪستان جي وڏي ڪاميابي قرار

ڀارت ڪجهه ڏينهن اڳ چيو پئي تہ اسان ڳالهين سان نہ طاقت جي ذريعي مسئلو حل ڪنداسين پاڪستان جي جوابي حملن کان پوءِ سيزفائر جي لاءِ تيار ٿيو

پاڪ فوج ۽ ايئرفورس جي ڪاميابي ڪارروائي کان پوءِ صرف ڀارتي نہ پوري دنيا تي ظاهر ٿي ويو آهي تہ پاڪستان پنهنجو دفاع ڪرڻ ڄاڻي ٿو

روايتي جنگ بابت پاڪستان جي باري ۾ جيڪو چيو ويندو هو تہ پاڪستان ڀارت کان نٽو ڪٽي سگهي، انهن هاڻ ڏسي ورتو

ڪنهن بہ نئين ڳالهين يا معاهدي جي لاءِ ضروري آهي تہ ڀارت پراڻا معاهدا مڃي ۽ انهن جو احترام ڪري: پ پ پ چيئرمين

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ڀارت کي ڳالهين جي ميز تي آڻڻ پاڪستان جي وڏي ڪاميابي قرار ڏئي ڇڏيو آهي. بلاول ڀٽو زرداري نجي چينل سان ڳالهين ۾ چيو تہ ڀارت جيڪو ڪجهه ڏينهن اڳ چئي رهيو هو تہ اسان ڳالهين سان نہ طاقت جي / ڏسو صفحو 2 بقايا 14

عالمي دنيا پاران پاڪ-ڀارت جنگ بنديءَ جي آجيان، سعودي عرب، ايران، برطانيا ۽ جرمني خوشي جو اظهار ڪري ڇڏيو

پاڪ-ڀارت جنگ بنديءَ مان اميد رکجي ٿي تہ اها خطي ۾ پائيدار امن لاءِ مددگار ثابت ٿيندي: گڏيل قومن جو سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتيرس

جنگ بندي ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ وڏن ۽ پراڻن مسئلن جي حل لاءِ هڪ سازگار ماحول پيدا ڪندي، سعودي نائب پرڏيهي وزير عادل الجبير بہ جنگبنديءَ جو آڌرڀاءُ ڪيو

پاڪستان جي نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار سان ٽيليفون تي رابطو، ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ امن جي اڳڀرائي تي اطمينان جو اظهار

ساڳئي وقت ايران، برطانيا ۽ جرمني پاران پڻ جنگ بنديءَ جي واڪاڻ، جنگ مسئلن جو حل نہ هئي، جنگبندي سان يقيني طور امن کي هٿي ملندي: ايران، برطانيا ۽ جرمني

واشنگٽن (م ڊ) پاڪستان ۽ ڀارت جي وچ ۾ اعلانيل جنگ بنديءَ تي عالمي برادري مثبت ردعمل ڏنو آهي، جنهن ۾ گڏيل قومون، سعودي عرب، ايران، برطانيا ۽ جرمني خاص طور تي شامل آهن. گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتيرس پنهنجي بيان ۾ چيو آهي، پاڪ-ڀارت / ڏسو صفحو 2 بقايا 19

سنڌ ۾ 47 سيڪڙو پاڻي جي کوٽ باوجود ارسا جو ڊيم ڀرڻ تي زور

سنڌ جي ڪئنالن کي 61 هزار 700 ڪيوسڪ جي جاءِ تي رڳو 32 هزار 600 ڪيوسڪ پاڻي ڏنو ويو، کوٽ 47 سيڪڙو تي پهچي ويئي

سنڌ جي ٽنهي ڪوٽڙي، سکر ۽ گڊو بئراجن جي ڪئنالن کي ايلوڪيشن جي ابتڙ فقط 32 هزار 600 ڪيوسڪ پاڻي فراهم ڪيو ويو

ٽنهي بئراجن جي ڪئنالن کي ايلوڪيشن جي ابتڙ فقط 32 هزار 600 ڪيوسڪ پاڻي فراهم

سنڌ کي ايلوڪيشن کان 29 هزار ڪيوسڪ گهٽ ۽ پنجاب کي ايلوڪيشن کان 12000 ڪيوسڪ وڌيڪ سور ڪنڊي تي پاڻي فراهم ڪيو ويو

سکر (بيورو رپورٽ) سنڌ ۾ پاڻي جي کوٽ 47 سيڪڙو تي وڃڻ باوجود واپڊا، پنجاب ۽ ارسا پنجاب جي ڪئنالن جي ڪٽ وڌائڻ سان گڏ ڊيمن ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ تي / ڏسو صفحو 2 بقايا 15

اڳوڻي ايم اين اي سيد شبير احمد شاهه جي پيءُ لاڏاڻو ڪري ويو، مڙهه مٽي ماءُ حوالي

سيد بشير احمد شاهه جي پيءُ، قومي اسيمبلي ڊپٽي اسپيڪر سيد غلام مصطفيٰ شاهه جي ڀيڻ وفات ڪري وئي

سڪرنڊ (رپورٽر) اڳوڻي ايم اين اي سيد شبير احمد شاهه ۽ اڳوڻي صوبائي وزير سيد بشير احمد شاهه جن جي پيءُ، قومي اسيمبلي / ڏسو صفحو 2 بقايا 17

هاڻي جنگ ماحولياتي تحفظ جي هوندي، پلاسٽڪ جون ٿيلهيون بند، دونهون ڇڏيندڙ گاڏين جا چالان جاري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سرحدن تي دشمن کي شڪست ڏئي ڇڏي، هاڻي واري آهي انهن دشمنن جي جيڪي خاموشيءَ / ڏسو صفحو 2 بقايا 16

روهڙي پوليس وارِ مبارڪ درگاهه تان 5 لک ماليت جو سامان چوري

درگاهه وارِ مبارڪ جا تالا ٽوڙي نامعلوم چور 5 لکن کان وڌيڪ سامان چوري ڪري فرار

اطلاع تي وڏي انگ ۾ سياسي سماجي اڳواڻ پهتا، ڪارڙ جرا ظهار پوليس سيڪيورٽي ڏيڻ ۾ ناڪام

روهڙي (رپورٽر) پوليس درگاهه وارِ مبارڪ جي سڄاڻيندڙن جي درخواستن باوجود سيڪيورٽي ڏيڻ ۾ مڪمل طور ناڪام ٿي وئي، / ڏسو صفحو 2 بقايا 18

ڪيرٿر ۽ دادو ڪينال جي ڊي سلٽنگ حوالي سان صوبائي وزير جام خان شورو پاران دورو

صوبائي وزير ۽ سيڪريٽري آبپاشي سکر پهتا، ڪينالن جي ڊي سلٽنگ منصوبو 10 جون تي ختم ٿيندو

صوبائي وزير آبپاشي جام خان شورو ۽ سيڪريٽري آبپاشي ظريف کيڙو ڪينالن جو دورو ڪري ڪم جو جائزو ورتو

آبادگارن کي پاڻي جي فراهمي لاءِ ڪينالن کي مضبوط ڪرڻ ۽ ڊي سلٽنگ جو ڪم شروع ڪيو آهي: جام خان شورو

سکر (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت پيڇڙي جي آبادگارن تائين پاڻي پهچائڻ لاءِ ڪيرٿر ڪينال ۽ دادو ڪينال جي ڊي سلٽنگ جو ڪم شروع ڪري ڇڏيو، صوبائي وزير ۽ سيڪريٽري آبپاشي سکر پهچي ويا، ڪيرٿر / ڏسو صفحو 2 بقايا 20

سکر: آبپاشي وزير جام خان شورو سيڪريٽري سان گڏ ڪئنالن جي دوري دوران بريفنگ ٻڌندي

پاڪستان جي پائليٽن چيني جهازن جي ڊمانڊ وڌائي ڇڏي

چيني جنگي جهاز وچ اوڀر ۾ طاقت جو توازن بدلائي سگهن ٿا، عالمي فوجن پاڪ ڀارت فضائيه جهڙپ تي تجزيا

ڀارت کي هاڻي اها ڳالهه مڃڻي پوندي تہ پاڪستان جي فضائي طاقت ڀارت کان وڌيڪ آهي: بي بي سي

هڪ ڪلاڪ تائين هلندڙ ڊاگ ويڙهه ۾ ڀارت اربين ڊالرن جا هٿيار خريد ڪرڻ باوجود ناڪام ٿيو: برطانوي صحافي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ / م ڊ) پاڪستان ۽ ڀارت جي تازي ڇڪتاڻ چيني ويڙهاڪ جهازن جي ڊمانڊ وڌائي ڇڏي، پرڏيهي ميڊيا موجب چين جي جنگي جهازن ۾ هاڻي مصر دلچسپي ڏيکاري آهي ۽ چين ۽ مصر گڏيل هفتي / ڏسو صفحو 2بقايا 21

ڊوڪري ويجهو جوڻيجا برادري جي ڏرين ۾ جهيڙو، ڇٽو قتل، هڪ سخت زخمي

ڳوٺ يعقوب جوڻيجو ۾ جوڻيجا برادري جي ٻن ڏرين ۾ جهيڙو گولين لڳڻ سبب هڪ ڇڙو مارجي ويو

ڊوڪري (رپورٽر) ڊوڪري پرسان جوڻيجا برادري جي ٻن ڏرين ۾ جهيڙو، هڪ ڇٽو قتل، جڏهن تہ هڪ سخت زخمي ٿي پيو، ڊوڪري / ڏسو صفحو 2 بقايا 22

ڪارپوريٽ فارمنگ منصوبو زمينن ۽ معدنيات ڦٻائڻ جي سازش قرار

ارسا ۽ سي سي آئي جا ادارا وفاق بدران پنجاب جي نمائندگي ڪن ٿا: وسند ٿري / نور احمد ڪاتيار

پنجاب سرڪار ۽ وفاقي حڪومت عملي طور پاڪستان جي وفاق کي قتل ڪري ڇڏيو آهي

نوشهرو فيروز / مورو (نمائندن وٽان) ڪئنالن، ڪارپوريٽ فارمنگ، سنڌ ۾ پاڻي جي هڪڙادو ڪوٽ، ڊيامير ڀاشا ۽ سنڌ جي / ڏسو صفحو 2 بقايا 23

پي ٽي آءِ اڳواڻ صنم جاويد جي ضمانت منظور

لاهور جي دهشتگردي ٽوڙ عدالت پي ٽي آءِ اڳواڻ صنم جاويد جي ضمانت منظور ڪري ورتي

عدالت هڪ لک رپين جي ضمانتي مچلڪن تي ضمانت منظور ڪئي

لاهور (م ڊ) لاهور جي دهشتگردي ٽوڙ عدالت پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ صنم جاويد جي ضمانت منظور ڪري / ڏسو صفحو 2 بقايا 24

جيستائين سنڌ طاس معاهدو بحال نٿو ٿئي، جنگ بندي قبول نہ ڪرڻ گهرجي: حليم عادل شيخ

پاڪستان جي جهنڊي ۾ اڇو رنگ اسان جي اقليتن جي نمائندگي ڪري ٿو، قوم متحد آهي: پي ٽي آءِ اڳواڻ

پي ٽي آءِ جي حليم عادل شيخ جي اڳواڻي ۾ ننگرپارڪر پرسان پاڪ ڀارت بارڊر تي ريلي کي خطاب

اسلام ڪوٽ (رپورٽر) پي ٽي آءِ جي حليم عادل شيخ جي اڳواڻي ۾ ننگرپارڪر پرسان پاڪ ڀارت بارڊر تي ريلي جيستائين سنڌ طاس معاهدو بحال نٿو ٿئي، جنگ بندي قبول نہ ڪرڻ گهرجي، / ڏسو صفحو 2 بقايا 25

سانگهڙ: ڪارنهن الزام هيٺ مامي هٿان ڀاڻيجي قتل، مک جوابدار گرفتار

ڳوٺ ميهڻل اٽڙ مامي پاران پنهنجي ڀاڻيجي کي ڪارنهن جي الزام هيٺ گولين هڻي قتل ڪري ڇڏيو

اطلاع تي ورڪشاپ پوليس قتل ٿي ويل عورت جي لاش کي تحويل وٺي سول اسپتال سانگهڙ پهچايو

سانگهڙ (رپورٽر) سانگهڙ پرسان ڪارنهن جي الزام هيٺ مامي هٿان ڀاڻيجي قتل، مک جوابدار گرفتار رپورٽ موجب سانگهڙ / ڏسو صفحو 2 بقايا 32

عالمي دفاعي تجزيي نگارن ايس 400 جي تباهي پاڪ-ڀارت جنگ جو سڀ کان وڏو واقعو قرار ڏئي ڇڏيو

پاڪستان جي جوابي حملن ۾ ايس 400 جي تباهي ٿي آهي تہ اهو سڀ کان وڌيڪ هاءِ پروفائل واقعو آهي

اتر ڀارت جو آدم پور مرڪزي بيس آهي، جيڪو سخوئي اسڪواڊرن مرڪز ۽ سرحد کان 100 ڪلو ميٽر پري آهي

پاڪستان هائپر سونڪ، جي ايف 17 ٿنڊر ۾ لڳايو آهي تہ پاڪ فضائيا جي حملي جي صلاحيت گهٽي وڌي وئي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ/ م ڊ) يورپ جي دفاعي تجزياتي ويب سائيٽ اينٽي ايئر ڪرافٽ سسٽم ايس 400 جي تباهيءَ کي پاڪ-ڀارت جنگ جو سڀ کان وڏو واقعو قرار ڏنو آهي. بلغاريہ ملٽري ريويو موجب / ڏسو صفحو 2 بقايا 29

بنگلاديش ۾ آمريت جو راڄ، شيخ حسينہ واجد جي سياسي پارٽي تي پابندي

مفرور وزيراعظم شيخ حسينہ جي پارٽي تي دهشتگردي جي انت واري قانون جي تحت پابندي لڳائي

عوامي ليگ جون سرگرميون ڪيس جي ٻڌڻي مڪمل ٿيڻ تائين معطل رهنديون

ڍاڪا (م ڊ) بنگلاديش جي نگران حڪومت اڳوڻي وزيراعظم شيخ حسينہ واجد جي سياسي پارٽي عوامي ليگ تي پابندي لڳائي ڇڏي آهي مفرور وزيراعظم شيخ حسينہ جي پارٽي تي دهشتگردي / ڏسو صفحو 2 بقايا 26

مستقل ڊگهي جدوجهد سان ئي درياهہ ۽ زمينون بچائي سگهجن ٿيون: اياز لطيف

سنڌ دشمن منصوبن خلاف جدوجهد ۾ ٽڪجنداسين ڪونہ، پاڻ هٽنداسين ڪونہ ۽ پاڻ ويهنداسين ڪونہ

16 مئي تي ڪوٽڙي، 18 مئي تي گولاڙچي ۽ 23 مئي تي مورو ۾ احتجاجي ريليون جاري رکنداسين

ڪجهه ڏينهن اڳ سينيٽ منهنجي ۽ پارٽي جي قومي ۽ سياسي مزاحمتي لائين کي رد ڪيو هو تن کي واڌايون

حيدرآباد (بيورو رپورٽ) قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجي چيو تہ سنڌو درياهہ تي ڊاڪي جي ڊگهي تاريخ آهي، / ڏسو صفحو 2 بقايا 30

حضرت قادر بخش بيدل جو عرس مبارڪ جون تقريبون اڄ کان شروع، سيد ناصر حسين شاهه افتتاح ڪندو

ناليواري شاعر حضرت قادر بخش بيدل جو 4 ڏينهن تي ٻڌل عرس مبارڪ جي تقريبن جو افتتاح سيد ناصر حسين شاهه ڪندو

ادبي ڪانفرنس، ڌمال، محفل سماع ۽ ايوارڊز تقريبون رٿيل، راڳ جي محفل اڄ ٿيندي، 14 مئي تي عام موڪل جو اعلان

13 مئي تي سماع ۾ مهمان خاص نعمان اسلام شيخ هوندا، سيد خورشيد احمد شاهه ۽ سيد ڪميل حيدر شاهه پڻ شرڪت ڪندا

عرس جي آخري تقريب ”جشن بيدل“ جي عنوان سان محفل نعت ۽ ذڪر جو انعقاد ڪيو ويندو، نعت خوان شرڪت ڪندا

سکر (بيورو رپورٽ) معروف درگاهہ حضرت قادر بخش بيدل جو 4 ڏينهن تي ٻڌل عرس / ڏسو صفحو 2 بقايا 27

روهڙي: حضرت قادر بخش بيدل جي درگاهہ جو ٻاهريون ڏيک

پاڪ-ڀارت جنگ بندي تي شڪر ادا ڪندڙ سلمان خان تنقيد کانپوءِ ٽوئيٽ ڊليٽ ڪري ڇڏيو

ممبئي (م ڊ) بالي ووڊ اسٽار سلمان خان پاڪستان ۽ ڀارت جي وچ ۾ جنگبندي بابت ٽوئيٽ ڪرڻ کانپوءِ ڊليٽ ڪري ڇڏيو / ڏسو صفحو 2 بقايا 28

لاهور ۾ پاڪ فوج جي فتح ۽ سيز فائر تي جشن، جهمريون

شهر جي مختلف علائقن ۾ شهرين جشن ملهايو ۽ پاڪ فوج سان يڪجهتي جو اظهار

سوين ماڻهن گڏ ٿي پاڪ فوج زنده آباد جا نعرا لڳايا، جڏهن تہ فضا جهنڊن ۽ ملي نغمن سان گونجندي رهي

ملڪ جي دفاع ۾ مصروف جوانن تي فخر ڪريون ٿا ۽ انهن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيٺل آهيون: شهري

لاهور (م ڊ) لاهور ۾ پاڪ فوج جي عظيم فتح ڀارت سان سيز فائر جي اعلان تي عوام ۾ خوشي جي لهر ڊوڙي وئي، شهر جي مختلف علائقن ۾ شهرين جشن ملهايو ۽ پاڪ فوج سان يڪجهتي جو اظهار / ڏسو صفحو 2 بقايا 31

حيدرآباد: اياز لطيف پليجو جي اڳواڻي ۾ ڪارپوريٽ فارمنگ خلاف ريلي ڪڍي پئي وڃي

روزاني
سُڪار
ڪراچي
E-mail: sukaarkhi@yahoo.com
ڪراچي آفيس: 021_32700091، 021_32700092، 021_32721870
فيڪس نمبر: 02132700176
حيدرآباد آفيس: فون نمبر 022_2671764، 022_2102381
فيڪس نمبر: 022_2671771، 022_2102293
ايڊريس: پبلشر شفيق احمد پيرزادي فرحان پرنٽنگ پريس پاڪستان چوڪ مان ڇپرائي امير ميڊيڪل سينٽر روم نمبر 103، 114 ۽ 115 ٽين ماڙ ايم اي جناح روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي.
سومر 12 مئي 2025ع بمطابق 14 ذوالقعد 1446 هجري

پاڪ فضائيه جي صلاحيتن پاران عالمي دفاعي تجزيي نگارن جا واڪا

پاڪ فضائيه جي زبردست جوابي ڪارروائي ڪان پوءِ ڀارتي جهازن جي تباهي جون شاهديون ويون آهن. ان حوالي سان ڊي جي آءِ ايس پي آر 9 مئي 2025ع تي گڏيل پريس ڪانفرنس ۾ عالمي ميڊيا جي سامهون ڀارتي ڪرڻ جي ثبوت پيش ڪيا ... رافيل جهاز تباهه ٿيڻ جي تصديق ڪئي. ... ڀارتي رافيل جهازن جا ثبوت پيش ڪيا ... ڀارتي ميڊيا تي ٻڌايو ويو ...

... رهيو آهي. جهاز ڪرڻ جي پهرين خبر انڊيا ٽوڊي جمون ڪشمير جي علائقي پاسپور ڪان ڏني. انڊيا ٽوڊي ۽ الارپل جمون ڪشمير جي 3 علائقن ۾ جهاز ڪرڻ جي تصديق ڪئي. ڊي جي آءِ ايس پي آر موجب ڀارتي فضائيه جا جهاز ڪرڻ جي فوٽيجز ۾ جهازن جو ملبو چڱي ريت ڏسي سگهجي ٿو. ڪيرايل جهاز جي(ٽيل) ڀارتي 17 گولڊن ايرو اسڪواڊرن رافيل بي ايس 001 جي آهي. فوٽيج ۾ تباهه ٿيل جهاز جي انجڻ کي به ڏيکاريو ويو آهي جيڪو ڀارتي جهاز جو آهي. اسان 21هين صدي ۾ رهي رهيا آهيون نه وري 18 صدي ۾ هر شيءِ پنهنجا نشان ڇڏي ويندي آهي. بي بي سي جي نمائندي وارپل جمون، ڪشمير ڪان رپورٽ ڪندي چيو ته پامپور جي علائقي ۾ رات جو ڌماڪي جا آواز ٻڌا ويا جيڪي جهاز ڪرڻ جا هئا. اهڙو ئي هڪ ٻيو ڌماڪو جمون جي رام بن جي علائقي ۾ به ٿيو. ڀارتي صحافي پراوين سواهني به 6 ۽ 7 مئي جي رات جمون، ڪشمير ۾ ڀارتي فضائيه جي 3 جيٽ جهازن جي تباهي جون شاهديون ڏنيون. پراوين سواهني چيو ته انڊين ايڪسپريس ۽ دي هندو اخبار ٻهٽنڊا جي پرسان هڪ ٻئي ڀارتي جهاز ڪرڻ جي خبر ڏني. دي هندو چينل 40 منٽن ڪان پوءِ ٻهٽنڊا پرسان جهاز ڪرڻ جي خبر کي هٽائي ڇڏيو.

يورپ جي دفاعي تجزياتي ويب سائيٽ اينٽلي ايئر ڪرافٽ سسٽم ايس 400 جي تباهيءَ کي پاڪ-ڀارت جنگ جو سڀ ڪان وڏو واقعو قرار ڏنو آهي. بلغاريه ملٽري ريويو موجب پاڪستان جي جوابي حملن دوران ايس 400 جي تباهي ٿي آهي ته اهو سڀ ڪان وڏيڪ هاءِ پروفائل واقعو آهي، آدم پور بيس اتر ڀارت جو مرڪزي بيس آهي، جيڪو سخوئي اسڪواڊرن مرڪز ۽ سرحد ڪان 100 ڪلوميٽر پري آهي. دفاعي تجزياتي ويب سائيٽ ۾ چيو ويو آهي ته انتهائي اهم ايئر بيس تي روسي دفاعي نظام جي تباهي سان ڀارتي دفاعي نظام ڪمزور ٿي ويو پاڪستان هائپرسونڪ، جي ايف 17 ٿنڊر ۾ لڳايو آهي ته پاڪ فضائيا جي حملي جي صلاحيت گهٽي وڌي وئي. بلغاريه ملٽري ريويو جو اهو به چوڻ آهي ته ٿي سگهي ٿو پاڪستان چين جي هائپرسونڪ ميزائلن جو مقامي نمونو تيار ڪيو هجي، ايس 400 جي تباهي ڀارت جي دفاعي حڪمت عمليءَ تي ڊگها اثر ڇڏيندي. ملٽري ريويو ۾ چيو ويو آهي ته اهو هڪ علامتي پيغام به آهي ته پاڪستان ڀارت جي گهٽي اندر تائين حملي جي صلاحيت رکي ٿو.

آمريڪا ۽ ڀارت لاءِ پريشاني پيدا ڪندڙ چيني جنگي ٽيڪنالاجي

جاويد پٽي

گڏيل ڏاهڪو سالن ڪان چين کي سوڙهو ڪرڻ لا هندستان جي اسرائيل جيان فوجي ۽ مالي مدد ڪندڙ آمريڪا پاڪستان جي جوابي ڪارروائي ڪانپو فورن يوٽرن وٺي هنگامي بنيادن تي جنگ بندي ڪرائڻ لاءِ سرگرم ٿي ويو جنهن تي هندستان به فورن پويان پير ڪري جنگ بندي جون اپيلون ڪري نيٺ پاڪستاني فوجي اڳواڻن سان رابطا ڪري جنگ بندي جا اعلان ڪيا آهن 6 مئي تي ڀارت پاڪستان تي پهلگام حملي جو جواز ڄاڻائي بنا ڪنهن حق جي پاڪستان تي ڊرون ۽ ميزائلن سان حملا ڪيا، ۽ نريندر مودي پاڻ کي ايشيا جو نيتن ياهو سمجهي پاڪستان کي فلسطين سمجهي حملا ڪرڻ شروع ڪيا. پر سندن ڪو ڪرتيل نه نڪتو پاڪستان ڪالهه هندستان جي 26 فوجي ٺڪاڻن تي ڪاميابي سان حملا ڪيا ته هفتي ڪان صرف ڀارت سان رابطن ۾ آيل آمريڪي پرڏيهي ۽ دفاعي وزير پريشان ٿي ويا ته هي چا ٿي ويو جنهن تي صدر ٽرمپ جنهن پهرين هٿ ڪئي ورتا هئا ته اسان جو ٻنهي ملڪن سان ڪجهه نه وڃي، فورن جنگ بندي لاءِ ٻنهي ملڪن سان رابطن ۾ اچي ويا.

آمريڪا جا ائين پويان پير ڪرڻ اصل ۾ پاڪستان سان ڪا همدردي ڪا نه هين پر انهن چين کي سوڙهو ڪرڻ لاءِ ڀارت جي جيڪا جديد ٽيڪنالاجي جي مدد ڪئي ان جي ناڪامي تي هنن پويان پير ڪيا آهن. ته انهن جا اسرائيلي ڊرون، به ناڪام ويا. فرانس جا جهاز به ڪري تباهه ٿي ويا. ميزائل به ڪم نه آيا. ان ڪري اسان هندستان جي آسري تي چين کي ڪٿين ڏک ڪنداسين. ان جنگ ۾ اصل ۾ چيني جديد ٽيڪنالاجي پوري دنيا کي پريشان ڪري ڇڏيو آهي. چين هن وقت پوري ڏکڻ ايشيا جي ملڪن جي هر قسم جي مدد ڪري رهيو آهي ۽ هندستان پاڪستان، بنگلاديش، نيپال، ڀوٽان ۽ چين سان مهاڏو اٽڪائيندو رهيو آهي. انهن ڏٺو ته انهن وٽ جديد طاقت آهي. پر گيم اونڌي ٿي وئي آهي. دفاعي ماهرن جو چوڻ آهي ته آمريڪا چيني ٽيڪنالاجي جي حوالي سان ٿي ٻنهي ملڪن کي روڪڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. هاڻ هو ان جو تجزيو ڪندو ۽ ڪا حڪمت عملي جوڙيندو. ان ڪري هو وقت حاصل ڪرڻ گهرن ٿا.پاڪستان ۽ هندستان جي چڪتاڻ ماضيءَ جي پيٽ ۾ تمام گهڻي مختلف آهي، هي ٻئي ملڪ ڪافي سالن ڪان هڪ ٻئي سان وڙهي رهيا آهن پراڻا دشمن هڪ وڏي جهيڙي ۾ ڦاسي پيا آهن. هاڻ علائقائي جهيڙي ڪان ٻاهر نڪري جنگي ميدان ۾ اچي ويا آهن پهرين ڪشمير جي علائقي تائين ويڙهه ڪندا هئا. هاڻ ٻئي ملڪ هڪ ٻئي جي سموري ملڪ کي جنگي هٿيارن سان نشانو بڻائي رهيا آهن. هاڻ ان جنگ ۾ جديد دنيا جا جنگي هٿيار سرعام استعمال ڪري رهيا آهن جن ۾ بنا پائلٽ وارا ڊرون به شامل آهن پروپيگنڊا ۾ به نوان طريقا استعمال ڪري ٽي وي چينلز ۽ سوشل ميڊيا پليٽ فارم تي غلط معلومات ڏئي هڪ ته عوام ۾ خوف پيدا ڪري رهيا آهن، ٻيو ته پروپيگنڊا وار ۾ به اڳيرو ٿيڻ جا جتن ڪري رهيا آهن. جنهن سان جنگ وڌيڪ وڌي رهي آهي. ماضيءَ ۾ به انهن جي جنگ ڪجهه وقت هلي ۽ ورِي ٺاهه ٿي ويا. ان وقت آمريڪا جا هن علائقي ۾ مفاد هئا ۽ هو فورن جنگ روڪڻ لاءِ تيار هوندو هو پر هن وقت انهن جي ترجيح ڪجهه ٻئي آهي. ان ڪري صدر ٽرمپ چيو ته هي ٻئي اسان جا دوست آهن. ان ڪري اسان ڪنهن کي به روڪڻ جا مجاز ناهيون. هاڻ جڏهن چڪتاڻ خطرناڪ حد تائين وڌي وئي آهي ته ۽ آمريڪا کي اها خبر پئجي وئي آهي ته چين کي انڊيا جي ڏڍ تي روڪڻ واري اسان جي پاليسي غلط هئي ته هاڻ فورن ٽرمپ ۽ سندس ٽيم حرڪت ۾ اچي وئي آهي، صدر ٽرمپ ٽوئيٽ ڪيو آهي ته ٻنهي ملڪن اسان جي گارنٽي تي جنگ بندي تي اتفاق ڪيو آهي. هاڻ ڳالهيون ٿينديون. آمريڪي پرڏيهي وزير مارڪو روبيو جيڪو ڪجهه هفتن ڪان انڊيا سان مسلسل رابطن ۾ هو ۽ ڀارتي حملن تي نيوٽرل ٿي بيٺو هو هاڻ پاڪستاني جوابي حملن ڪانپوءِ وزير اعظم شهباز شريف ۽ آرمي چيف عاصم منير سان هنگامي رابطا ڪري جنگ بندي تي راضي ڪرڻ جي ڪوشش شروع ڪئي آهي.

آمريڪا کي اها خبر آهي ته هي آمريڪا نه پر پاڪستان جو ويجهو ساٿي چين آهي، جيڪو انهن کي هٿيار، فنڊ ۽ جديد ٽيڪنالاجي ڏئي رهيو آهي. ان ڪانسواءِ ايران، سعودي عرب ۽ گڏيل عرب امارات جهڙا ملڪ به ان صورتحال جو حصو بڻجي رهيا آهن. جن سان چين جا ويجها لاڳاپا آهن. پر انهن ملڪن کي آمريڪا جي اسرائيل جي انڌي مدد ڪرڻ تي سخت خدشا آهن هو ان ڳالهه کي به نظر ۾ رکي رهيا آهن. ته اسرائيل هندستان جي مڪمل مدد ڪري رهيو آهي. ۽ هي پاڪستان کي نئون فلسطين بڻائڻ جي سازش ۾ مصروف آهن. ان ڪري ٿي مسلمان دنيا به ان معاملي تي صاف ظاهر ٿيو بيلي آهي. دفاعي ماهرن جو چوڻ آهي، ته آمريڪا ۽ اسرائيل جي جديد ٽيڪنالاجي هندستان کي جيڪا طاقت ڏني جيڪڏهن اها جنگ وڌي ٿي ته ايران به پاڪستان جي غير مشروط حمايت ۾ فوجي مدد ڪري سگهي ٿو جو انهن کي اسرائيلي ٽيڪنالاجي کي ناڪاره بڻائڻ جو وسيع تجربو آهي. هن وقت به ٻنهي ملڪن جي قيادت جو ڌيان جنگ جي فرنٽ لائين تي آهي. چين ۽ آمريڪا پاڪ ڀارت جنگ ۾ پنهنجي فوجي ۽ انٽيليجنس طاقت کي پرکڻ جو تجربو ڪيو آهي. ان ويڙهه ۾ پنهنجي جديد جنگي جهازن ۽ پاڪستان پاران ان ڪارروائي ۾ استعمال ٿيل چيني هٿيارن ذريعي ڊيٽا گڏ ڪري ورتي آهي. سلامتي جي تجزيو ڪندڙن ۽ سفارڪارن جو چوڻ آهي ته چين اهڙي جديد ٽيڪنالاجي تيار ڪري ورتي آهي. جنهن سان هو سرحدن جا تفصيل گڏ ڪرڻ ڪانسوا هندي سمنڊ ۾ جنگي ٻيڙن جي نگراني، انهن تي هٿيارن جي ترسيل، ۽ فوجي ڪارروائين تي نظر رکڻ جي سيٽلائيٽ صلاحيت رکي ٿو. سنگاپور جي دفاعي ماهر اليگزينڊر نيل جو چوڻ آهي ته چين جا هندستان سان سالن کان سرحدي ۽ پاڻي وارا جهيڙا هلي رهيا آهن. هاڻ چين جي 10_J جيٽ فائٽر جهازن هندستان جا 2 فرانسيسي جنگي جهاز رافيل ڪيرائي تباهه ڪيا آهن هوائي فوج جي جنگ پوري دنيا لا هڪ غير معمولي موقعو آهي، جنهن ۾ پائلٽن، جنگي جهازن ۽ هوا ڪان هوا ۾ مار ڪندڙ ميزائلن جي ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪيو ويندو. هاڻ هر ملڪ ٻنهي ملڪن جي هوائي فوج جي ڪارڪردگي تي پنهنجي فوج جي خامين ۽ خرابين کي دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو.

دنيا جون ايٽمي طاقتون هندستان ۽ چين جي صدين پراڻي جنگي صورتحال کي به جاچي رهيون آهن. جن جو 3800 (24,00 ميل) هماليائي سرحد تي 1950ع ڪان جهيڙو هلي رهيو آهي. ٻنهي ملڪن ۾ 1962ع ۾ مختصر جنگ به ٿي هئي. ورِي آڪٽوبر 2020 ۾ به ٻنهي ملڪن ۾ جهڙپون ٿيون. دفاعي ماهرن جو چوڻ آهي ته هن وقت چين ان جنگ ذريعي ڀارت جي دفاعي صلاحيت ۽ ان جي ٽيڪنالاجي صلاحيت جي انٽيليجنس ڪري رهيو آهي. جنگ پاڪستان وڙهي رهيو آهي، ۽ فائدو چين وٺي رهيو آهي. لنڊن جي انٽرنيشنل انسٽيٽيوٽ فار اسٽريٽجڪ اسٽڊيز جي ماهرن جو چوڻ آهي ته چين هن وقت 267 سيٽلائيٽس تيار ڪري رهيو آهي، جن ۾ 115 انٽيليجنس نگراني ۽ جاسوسي لا 18 ملٽري اليڪٽرانڪ ۽ سگنلز جي معلومات ۽ نگراني ۽ ٻيا سرحدي صورتحال جي حوالي سان آهن اهڙي ٽيڪنالاجي آمريڪا وٽ پهرين ٿي آهي، ان مان هنن ڪجهه ڀارت کي به ڏني هئي، پر چيني ماهرن ان کي به ناڪاره بڻائي ڇڏيو آهي. جڏهن ته خلائي ۽ ميزائل ڪان باخبر هڻ واري صلاحيت چين به حاصل ڪري ورتي آهي، ان ڪري هندستان ان ڪري چين سان مهاڏو اٽڪائڻ ڪان لنوائي رهيو آهي، ان ڪري هن پهرين پنهنجا اهي هٿيار پاڪستان تي تجرباتي بنيادن تي استعمال ڪيا، پر آمريڪا کي هاڻ خبر پئي آهي، ته انهن جي حڪمت عملي چيني ٽيڪنالاجي اڳيان ڪجهه ٿڌي آهي. پاڪستان ۽ چين جي فوجي ترجمانن ۽ حڪومتن فوجي سيٽلائيٽس ۽ انٽيليجنس جي حوالي سان آيل خبرن تي ڪو تبصرو ڪرڻ ڪان جواب ڏنو آهي. پر برطانيا ۾ ڀارت جي اعليٰ سفارتڪار ها ڪمشنر وڪرم ڊريسوامي اسڪائي نيوز کي ٻڌايو آهي ته پاڪستان جا چين سان لاڳاپا ڀارت لا انتهائي ڳڻتي جوڳا آهن، انهن جي سپورٽ نه هجين ها ته پاڪستان اسان اڳيان بيهي به نه سگهي ٿو. چين کي سمورن پاڙيسرن سان هڪ جهڙا لاڳاپا رکڻ گهرجن، جٿين اسان به انهن جا پاڙيسري آهيون.

چيني ملٽري انٽيليجنس ۽ هوائي دفاعي نظام جا ماهر ڪروز ۽ بيلاسٽڪ ميزائلن جي معلومات گڏ ڪرڻ شروع ڪئي آهي. هندستان 2018 ۾ روس سان گڏجي براهموس سپرسونڪ ڪروز ميزائل تيار ڪيو هاڻ پوري دنيا ۾ ان جي استعمال تي چرچا هلي رهيا آهن. جڏهن ته پاڪستان "حطف ون" کي پهريون ڀيرو ڪاميابي سان استعمال ڪيو آهي، جنهن تي ڀارت جو چوڻ آهي ته انهن انتهائي تيز رفتار ميزائل فائر ڪيو جو اسان ان کي روڪي به ناهيون سگهيا. هن وقت چين هندي سمنڊ ۾ پنهنجي انٽيليجنس گڏ ڪرڻ لا جديد ٽريڪرز لڳائي ڇڏيا آهن. ڪين خدشو آهي ته ڀارت هاڻ پاڪستان جي سامونڊي حدفن کي نشانو بڻائي سگهي ٿو. چين اسپيس ٽريڪنگ سامونڊي جهازن سان گڏ مهاڻن جي ننڍين ننڍين ٻيڙين تي فٽ ڪري ڇڏيا آهن. گڏريل هفتي انهن چيني ٽريڪرز خبردار ڪيو هو ته هندستاني سامونڊي جهاز 120 ناٽيڪل ميل اندر گڏجي حرڪت ڪري رهيا آهن. جيڪي پاڪستان ڏانهن وڌي رهيا آهن. اوپن سورس ٽريڪر ڊيمن سائمن ايڪس تي پوسٽ ۾ لکيو هو ته ڀارتي سامونڊي مشقن پرسان 224 چيني جهازن کي مقرر ڪرڻ جي خبر ملي آهي، جيڪي ڀارتي حرڪتن کي مانيٽر ڪري رهيا آهن سيڪيورٽي اسڪالر جيمز چار ٻڌايو آهي ته پاڪستان چين ڪان جديد ترين فوجي هاڊويئر وٺڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي. جٿين ڀارت جي ڊيٽا تائين پهچ حاصل ڪري سگهجي.

جنگ ڪنهن به مسئلي جو حل ناهي، حملا ته ٿي ويندا آهن. پر ان جا نقصان اينڌڙ نسل ڀريندا آهن. پر هندستان جو جنگي جنون ڪو رڪجڻ وارو ناهي في الحال جنگ بندي ٿي وئي آهي، هوائي سرحدون کلڻ واريون آهن. پر اصل جنگ انهن جي چين سان آهي هاڻ ڏسڻو اهو آهي ته آمريڪا هندستان جي ڪلهي تي ڪڏي اڳيان ڪهڙا قدم ٿو کڻي.

سنڌ جو صوفي شاعر فقير قادر بخش بيدل

عبدالجواد عباسي

سنڌ هميشه کان امن واري ڌرتي رهي آهي هن ڌرتي تي ڪيترائي صوفي بزرگ اوليا، شاعر، اديب ۽ محقق پيدا ٿيا آهن سنڌ جو تاريخي شهر روهڙي، اوليائن بزرگن ۽ درويشن جي ڪري روحاني حيثيت رکي ٿو. هتي نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جو وار مبارڪ به آهي ۽ سوا لک درويشن صوفين فقيرن ۽ عاشقن جون مزارون آهن انهن صوفين درويشن اوليائن ۽ شاعرن ۾ فقير قادر بخش بيدل جي ولادت به روهڙي شريف ۾ ٿي فقير قادر بخش بيدل جو اصل نالو عبدالقادر هو مگر پيران پير دستگير عبدالقادر جيلاني جي احترام سبب قادر بخش سڏائڻ لڳو بيدل سائين جي والد جو نالو ميان محمد محسن هو. اول به هڪ درويش صفت انسان هو جيڪو قادري طريقي ۾ جهوڪ شريف جي بزرگن جو دست بعيت هو بيدل فقير جو شجره نسب حضرت غوث بهاؤالدين ذڪريا سان وڃي ملي ٿو سڀ کان پهريان سندن ڏاڏو حضرت عبدالقادر قريشي ملتان مان هميشه لاءِ لڏي اچي روهڙي ۾ سڪونت پذير ٿيا. واصل اها الله پلاڻ روهڙي جي هڪ ٻئي بزرگ صوفي جان الله شاه جيڪو عنايت شهيد جو خليفو هو. اول متقي انسان هو جنهن لاءِ اهو مشهور آهي ته هو قرآن شريف هٿ سان لکي گذارڻ ڪندو هو بيدل فقير 1230ه مطابق 1418ه ۾ پيدا ٿيو ۽ جڏهن ٿي چار هو ماٺن کيس مڪتب ۾ ويهاريو مگر پاڻ الف کان اڳي نا بڙي ريٿو جيتوڻيڪ بيدل فقير ظاهري طور تعليم حاصل نه ڪئي پر باطني ۾ وڏو عالم، علم حديث قرآن شريف ۽ شريعت جو ڄاڻو هو. جنهنجو ثبوت سندس ڪلامن مان جا بجاءِ ملي ٿو بيدل بنيادي طور عشق ۽ محبت جو شاعر آهي. بيدل فقير کي سلاڍ ۾ صرف هڪ پٽ هو جيڪو وقت وڏو شاعر ٿي گذريو آهي. جنهنجو نالو محمد محسن بيڪس آهي. بيدل سائين کي درويشي جي ڏات حضرت لعل شهباز قلندر کان مليس. پير صبغت الله شاه پير پاڳارو اول ۽ مخدوم محمد اسماعيل ڪلا به حاصل ڪيائين بيدل سائين جي والد صاحب فقير محمد محسن تي سندس مرشد جو ٻين کان وڌيڪ ٻاجه جو هٿ هيو. هڪ ڀيرو مرشد جي حضور ۾ عرض ڪيائين قبا سائين حضور جي باطني اڄحد گهڻي آهي پر ظاهري به ٿئي. ته احسان ٿئي اولاد جو سڪايل آهيان. مرشد جي زبان مان نڪتو ته انشاالله تو کي اهڙو پٽ ڄمندو جو شريعت، طريقت، معرفت جو حقيقت جو صاحب هوندو پر هڪ پير کان معذور هوندو. مرشد سائين ۽ فقير محمد محسن جي گهر ۾ هڪ پٽ ڄائو پر پير مڙيل هيس، پٽ جي اولاد وقت فقير محمد محسن مير جان الله شاه صاحب جن جي ڪچهري ۾ ويٺا هئا ته دائي واڌائي ڏني ۽ چيو ته ڇوڪر گهڻوئي سهڻو آهي. مگر هڪ پير کان منڊو آهي. جنهن تي مير صاحب فرمايو ته ابا منڊو نه چئو اهو روهڙي شهر جو جنهنڊو آهي ۽ بروقت سندس نالو عبدالقادر رکيو ويو مگر پيران پير جي ادب وچان کيس قادر بخش سڏيو. فقير بيدل پاڻ کي پڇاڙي تائين ٻنهي نالن سان سڏائيندو هو. بيدل سائين درويش جي گهر ۾ درويشن جي دعا سان ڄائو. تنهن ڪري الله وارن جي نظر جو اثر مٿس رهيو. تنهن ڪري منڍ ڪان ئي رنگ ۾ رتل رهيو. سندس ننڍي هوندي جي هلت چلت عام ٻارن مگر وڏي عمر وارن ماٺهن کان ئي اڄرڇ ۾ وجهندڙ هئي. ائين ئي پاڻيو هو ته هي ڪامل درويش ۽ خدا وارو انسان ٿيندو. قاضي غلام مهدي والد پير محمد چوندو هيو ته بيدل فقير تمام هوشيار ۽ سندس حافظو تمام تيز هوندو هيو. هڪ دفعي عربي صرف جا ڪتاب هيٺ مٿي تي ويسي سو فقير بيدل حافظي مان سڄو ڪتاب لکيو. مولوي عبدالرحمن سڪرواري ان وقت عالمن مان هو. تنهن تعزيبي واري تي اعتراض ورتو. جنهن تي فقير صاحب انجي جواز ۾ ڪتابي سندون لکي موڪليون. تنهن کان سواءِ فقير بيدل جي پنهنجي هٿ اکرين سندون ديوان. اڄ ۾ گهمرڙ(مديجي جي رهنڊ) وارن وٽ موجود آهي. قدرت فقير صاحب کي هڪ اثر پذير ۽ صاف دل ڏني هئي سالن جي محبت منجهس عشق جا مچ مچائي ڇڏيا هئا. محترم جهامنداس پاڻ پنهنجي سوانح عمري بيدل ۾ لکيو آهي ته فقير بيدل سيوهڻ ۾ روحاني فيض حاصل ڪيو ۽ شعر چوڻ شروع ڪيا. سندس پهريون شعر مسند جي صورت ۾ قلندر شهباز جي تعريف ۾ آهي دلامست ڊرن هول روز محشر پڪولي دامن ابن ڪا رهبر ميرا مرشد مڪمل هي قلندر حسيني حيدر سلطان سرور فقير بيدل سائين ارشاد موجب پير ڳوٺ اچي مسجد ۾ مسافر ٿيو پر لعل ڪولڪڙ جو آهي جلد ئي پير صبغت الله شاه اول تجرڏني کي سندس فضل وڪمال جي خبر پهتي جنهن کيس پنهنجي صاحبزادي کي مولانا رومي مثنوي پڙهائڻ لاءِ چيو جيسين اتي هو تيسائين تدريس جو ڪم ڪري ڪندو رهيو ڪجهه وقت ڪانپوءِ درگاه تي وڃي انهي ٿوري وقت جي تعليم صاحبزادي تي اهڙو اثر ڪيو جو وڏي هوندي وڏي پائي جو صوفي شاعر ٿي پيو. سندس تخلص اصغر آهي. فقير صاحب پير ڳوٺ مان موڪلائي روحاني منزلون طئي ڪندو اچي پريالو پهتو ۽ درگاه تي پهتو جتي کيس حڪم ٿيو ته روزو ۽ نماز ڇڏ ۽ روهڙي وڃي جتي اچي مجاز کو دڪان کولي ويٺو ۽ نماز ۽ روزو لاءِ ماڻهن کي تلقين ڪندو هيو پنهنجي سر با اهڙو متقي ۽ پرهيزگار هو جو گهر کان مسجد تائين ۽ مسجد کان گهر تائين به جهنڊ ڪري ايندو هيو ڪهڙي ڏينهن فقير صاحب دستور موجب صبح جي نماز ۾ تعقيبات ڪلا پوءِ جيئن مسجد ڪان جهنڊ هٽي نڪتو ته اهڙي هوا گهلي جو منهن تان پلاند مٿي ڪجي ويو ۽ سندس نظرون وڃي سامهون بيٺل نينگر مجند تي پئي السني آئيني وارو اولڙو ڏيٺوي دلبر جي دري مان اکين تي اهڙو پيو جو تجلي کان اکيون چمڪات ۾ ماٺڪ ماٽکي ۾ آيون اک ٻوٽ ۾ عجب جو عڪس ڇپجي ويو. دماغ ڏوائون ۽ دليل ڇڏي ڏنيون هوش خطا ٿي ويو وات سڪي ويو ڇپ خشڪ ٿي ويا هٿ گويا شل ٿي پاٽجيا پاڻ دل وڃائي بيدل تي پئي هاٿي اهو بت ٻڌجي سامهون دڪان تي ويهي رهيو بالا آخر الله وارو جي محبت سان خاص طرح صوفي صديق جي محبت سان بيدل فقير خير سلامتي سان ها فنائي امشوق واري ڪٺن منزل جهاڳي ان کان علاوه مجازي مرحلن ۾ فقير غلام محمد ۽ قاضي پير محمد جا نالا قابل بيان آهن جنهن جو مڪمل ذڪر ديوان بيدل ڪتاب ۾ به موجود آهي. حسن ۽ حسين چيز فطرتي ۽ خود نمائي جي خاصيت آهي ته الله سائين سونهن جو ڳجهو خزانو آهي. دنيا صرف انهي لاءِ خليقائين ته سندس تعريف ٿي بقول فقير بيدل مخفي هو محبوب بيرنگي نيٺهڪيو نروار گويا ائين ڪٿي چئجي ته انسان حسن جي تعريف لاءِ خليقو آهي. دم الله عشق ڪيتي مين وڃائي وي دم الله نيٺهن دي مين وڃائي وي آدم ڪل آهي. حلبلي جاءِ ڪمبو اهو آه ڪو هڏ پچي پويان. سنڌ صوفي شاعر وٽ عشق جو معيار ايترو بلند آهي جوان ۾ خود غرضي ۽ نفس پرستي جو بيس ۽ پاڪ انويشن آهي. اهڙي پاڪ ۽ خالص دل هئي فقير بيدل سائين جي معرفت کي پهچڻ لاءِ بنيادي ڏاڪي شريعت جي حڪمت مان حڪم شادي جو به آهي. فقير بيدل سائين به شاديون ڪيون. پهرين شادي مان فقط هڪ نياڻي ۽ ٻي شادي مان پٽ ڄائو. محترم جهامنداس پاڻ پنهنجي قلمي ڪتاب سوانح عمري بيدل ۾ لکيو آهي ته فقير بيدل سائين کي ٻي پٽ هئا. هڪ فريد بخش ٻيون محمد محسن ٽيون امام بخش هو. فريد بخش ڄمڻ سان ڪرامت ڏيکاري. تنهن ڪري کيس رخصتي ملي. امام بخش ڇهن پنجن سالن ڪانپوءِ گذاري ويو ۽ فقير محمد محسن بيڪس فقير بيدل سائين جي ڇهن سالن ڪانپوءِ جامون متايو. فقير غلام محمد جي وفات ڪانپوءِ وقت گذاريندو رهيو. تان جو وقت آيو جڏهن سندس آخري منظور نظر قاضي پير محمد جو سندس روح جي راحت جي جو جيايو ۽ هميشه لاءِ الوداع چئي هي جهان ڇڏي ويو. بيدل سائين جي دل هي صدمو نهايت خراب گذريو. زندگي وبال ٿي پيس فراق جي حالت ۾ هي چئي اٿس. هاڪي نئين يار نڪو پشه خيال اسان جو قاضي پير محمد جي وفات ڪانپوءِ بيدل سائين بيمار گذارڻ لڳو جيئن پوءِ تيئن ويو ضعيف ٿيندو هڪ دفعي عبدالله آخوند ڪاٽس پڇيو ته سائين دنيا فاني آهي قضا تي ڏاوهان کي ڪائي رکون. فرمائون ته اجيسين بندي کي ساهه آهي. تيسين قاضي صاحب جي دروازي تان ڪيئن ويندو ۽ سندس ڪفن ۾ دم ڏيندو پوءِ اوهان جو اختيار آهي. انهي بيماري جي زماني فقير صاحب هڪ ڪافي چئي. جنهنجو مطلب آهي ته نئون نياپو آيو ماروئڙن جي مون ڏي جو پاندو ڏهيو آهي سونيٺ پجي ۽ هر هڪ کي موت جو مزو چکڻو آهي. اهو وقت اچي ويجهو ٿيو جو فقير صاحب چوڻ لڳو ته آءِ قاضي جي پچن جو ڊولڻو آهيان جيسين سنڌس گهران موڪل نه ملندي تيستائين منهن نه مٿائيندس چون ٿا ته ٻه دفعا انڪار ٿيو ۽ ٽئين دفعي آخر اجازت ملي ۽ فقير پٽئي حقيقي گهر لاءِ سانباهو ڪيو ۽ فرمايو ته اسان جي رات تياري آهي رات جو ٻارن ٻچن کان موڪلائي سهيو ته ڪجهه وقت کان پوءِ ٽپ ڏئي اٿيو ۽ ادب ڪنڌ نمائي بيٺو ٿوري دير بيهي وري سهيو سلمان فقير عرض ڪيو ته قبلا ڪهڙو اسرار هو فرمايون ته ابا قلندر شهباز وٺڻ آيا هئا. هيٺر الله توهان چادر تائي جو سنڌو روح پرواز ڪري ويس اهڙي طرح هن ولايت ۽ ڪرامت جي صاحب پنهنجو آستانو 16 ذوالقعد 1289ه هن فاني دنيا مان ڪئي دارالبقا ۾ نا هيو بروقت تي عبدالله آخوند کي اطلاع مليو ته جنهن غسل ۽ ڪفن جي تياري ڪئي جنازي سان ڪندو خواه مسلمان گهڻي تعداد ۾ ساڻ هئا. سندس خاڪي جسم کي روهڙي ريلوي اسٽيشن جي اولهه ۾ جيڪو اڄ ڪلهه خانگاهه جي نالي سان مشهور آهي سپرد خاڪ ڪيو ويو جتي هر جمعي تي ۽ چنڊ جي اڪويهين رات صوفي سماع ٿيندو آهي ۽ هر سال جي 14_15 ۽ 16 ذوالقعد تي ميلو لڳندو آهي جتي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان هزارين عقيدت مند ايندا آهن ۽ فقير بيدل کي خراج تحسين پيش ڪندا آهن. سندس وفات جي تاريخ سندس پٽ فقير محمد محسن بيڪس هن ريت چئي آهي.

رمز رندي جو عجائب روهڙي ۾ راض هو
نالي بيدل بادشاه بيشڪ آتي شهباز هو
موج مستي ۾ سدا سلطان سرفراز هو
حلاج جي حالت ۾ هر دم من ممتاز هو
پير مغان جي پٽ هڪ حقيقت مجاز هو هم او ست واري حال ۾ محمود سوا ياز هو

بقايا

01 ----------

جي رڃ ۾ پاڪ ڀارت تاريخ جو ڊگهو مقابلو ٿيو. هڪ ڪلاڪ کان وڌيڪ وقت تي ٻڌل انهي فضائي جنگ جي دوران پاڪ فضائيه جي شاهينن 5 ڀارتي جهاز ڪيرايا. تباهه ڪيل ڀارتي جهازن ۾ 3 جديد رافيل جهاز 1 مگ 29 ۽ هڪ ايس يو 30 شامل هئا. ڀارت روايتي هٺ ڌرمي ۽ ڪوڙ جو سهارو وٺندي جهاز ڪيرائڻ جي خبر کان انڪار ڪيو. ڪجهه ڀارتي ميڊيا ...

ته حڪمت عملي سان ڏنو. شاهينن دشمن جا جهاز ڪيرائي دنيا کي پيغام ڏنو ته پاڪستان جو دفاع نه وساري جو ڳوڙو آهي. دنيا ڏسي ورتو ته پاڪستان پنهنجي دفاع ۾ هڪ قدم پوئتي نه هٽندو. هن چيو ته اهڙن جوانن کي سليوٽ جنهن دشمن جي اکين ۾ اکيون وجهي

07 ----------

سخت رد عمل جو اظهار ڪيو آهي. پاڪستان خلاف سخت زبان استعمال ڪرڻ لاءِ مشهور ...

13 ----------

مان پاڪستاني فوج کي سلام پيش ڪريان ٿو. پاڪستان جو هر ٻار پاڪ فوج سان گڏ آهي. مان پنهنجي خاندان ۽ دوستن جي طرفان پاڪ فوج کي مبارڪون ڏيان ٿو. هن چيو ڀارت کي هاڻ خبر پئجي وئي آهي ته پاڪستان سان وڙهڻ سستو نه آهي.

ڀاران رافيل جهاز ڪيرايو ويو آهي. هن چيو ته اسين جنگ جي حالت ۾ آهيون ۽ جنگ ۾ ...

17 ----------

جي نه اينڌڙ نسلن جي بقا جي جنگ آهي ۽ اسان هي جنگ ڪٽي ڏيکاريندا سين. ماحولياتي تحفظ اڄ جي پاڪستان جو قومي فرض آهي چو ته هي جنگ به وطن جي دفاع جيتري اهم آهي.

جي ڊپٽي اسپيڪر سيد غلام مصطفيٰ شاه، اڳوڻي تعلقه ناظم سيد غلام علي شاه ۽ سيد محمود شاه جي ڀڃي رضاء الاهي سان وفات ڪري وئي جنهن کي سيدن جي اباڻي قبرستان ...

24 ----------

سلنٽگ جي ڪم جو جائزو ورتو. صوبائي وزير جام خان شورو جو چوڻ هو ته پيپلز پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي هدايتن تي اندروني سنڌ جي سمورن آبادگارن کي فصل لاءِ پاڻي جي فراهمي مڪمل طور يقيني بڻائڻ لاءِ ڪينالن کي مضبوط ڪرڻ ۽ ڊي سلنٽگ جو ڪم شروع ڪيو ويو آهي. ان سلسلي ۾ نارا ڪينال جي لائننگ ۽ پچنگ ڪانپوءِ اين ايس ڪمپني جي انتظامن هيٺ جديد مشينري ...

حڪومت عملي طور پاڪستان جي وفاق کي قتل ڪري ڇڏيو آهي. قائداعظم محمد علي جناح جي وفات ڪانپوءِ ملڪ تي قابض آمرن ۽ بيوروڪريٽس پاڪستان ۾ شامل مظلوم قومن جي زمينن، معدنيات ۽ وسيلن تي قبضو ڪري ڇڏيو آهي. پاڪستان وفاقي نظام بدران وحداني رياست بڻجي چڪو آهي.

وئي آهي. ٻئي طرف عوامي ليگ عبوري حڪومت جي اهڙي قدم کي ناجائز قرار ڏيندي رد ڪري ڇڏيو آهي. ياد رهي ته بنگلاديش جي اڳوڻي وزيراعظم شيخ حسينه واجد گذريل سال آگسٽ ۾ سخت عوامي دٻاءَ کان پوءِ استعيفيٰ ڏئي ڀارت فرار ٿي وئي هئي. بنگلاديش جي نگران حڪومت ڀارت کان ڪيترائي ڀيرا شيخ حسينه واجد کي حوالي ڪرڻ جو مطالبو ڪري چڪي آهي.

پاڪستان هائپرسونڪ، جي ايف 17 ٿنڊر ۾ لڳايو آهي ته پاڪ فضائيا جي حملي جي صلاحيت گهڻي وڌي وئي. بلغاريه ملٽري ريويو جو اهو به چوڻ آهي ته ٿي سگهي ٿو پاڪستان چين جي هائپرسونڪ ميزائلن جو مقامي نمونو تيار ڪيو هجي، ايس 400 جي تباهي ڀارت جي دفاعي حڪمت عمليءَ تي ڊگها اثر ڇڏيندي. ملٽري ريويو ۾ چيو ويو آهي ته اهو هڪ علامتي پيغام به آهي ته پاڪستان ڀارت جي گهٽي اندر ...

بقايا 01

ڌمڪيون پيا ڏين , خريد ڪيل زمين تي قبضو ڪيو , هاڻ مارڻ چاهين ٿا , مسمات دريا خان پيلار رپورٽ موجب ڳوٺ وڏا پيلار جي رهواسڻ مسمات دريا خان پيلار بيوه غلام قمبر پيلار رانيپور پهچي صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته بااثر ظهير پٽ قينچي خان پيلار کان سورنهن ويسا منهنجي مڙس غلام قمبر خريد ڪئي جنهن جا پيسا 74500 رپيا ڏنا جنهن بعد تيرنهن سال زمين کاهي فصل ڪٽيندا رهياسون , جيڪي هاري پڻ گواهي ڏيندا , هن ٻڌايو ته جڏهن ته هڪ ويسي جا رهيل پيسا 35 هزار ڏنا , هن وڌيڪ ٻڌايو ته بااثر ظهير پيلار , ارشد پيلار منصور آغا ٽئي پٽ ظهير پيلار جڏهن ته سميع پٽ رضا علي پيلار عرف گٻو وحيد الدين پٽ سميع علي پيلار گهڻن ۾ گهڙي هٿيار ڪهاڙيون لٺيون لوهي سيخون ڏيکاري اڻڀ مارڻ جون ڌمڪيون پيا ڏين اسان هاڻ گهر سان گڏ پنهنجي زمين تي به نه ٿا وڃي سگهون , زمين تي قبضي ڪرڻ جي لالچ ۾ مارڻ چاهين ٿا , مسمات درياخاتون وڌيڪ ٻڌايو ته طئه اهو ٿيو هو ته جيئن ئي سورنهن ويسن جا پيسا پورا ٿيندا ڪاتو توهان حوالي ڪنداسين , پيسا هاڻ سڀ 74500 منهنجي مڙس غلام قمبر پيلار ظهير پيلار کي ڏنا ۽ پنهنجي مڙس جي فوت ٿيڻ بعد هڪ ويسي جا 35 هزار وڏائي ورتا ,پر هن منهنجي مڙس جي فوت ٿيندي ئي قبضو ڪيو آهي هن سيشن ڪورٽ سکوري ۽ رانيپور عدالت سکوري , آئي جي سنڌ ڊي آئي جي سکر ايس ايس پي خيرپور کي اپيل ڪئي ته مان غريب آهيان , رب پاڪ کان سواءِ ڪو به گڏ نه آهي , توهان مان اميدون آهن , نوٽس وٺندي بااثرن خلاف قانوني ڪاروائي ڪري جان بچائڻ لاءِ تحفظ مهيا ڪيو وڃي , صاف شفاف انڪوائري ڪري انصاف جي گهر ڪيون ٿا.

بقايا 02

سربراهه مولانا فضل الرحمان ۽ علامه راشد محمود سومرو چيو ته ڀارتي جارحيت ناڪام ٿي، پاڪستان جي ڪاميابي الله جي مدد ۽ قومي اتحاد جو نتيجو آهي، سياسي قيادت ۽ پاڪ فوج کي مبارڪباد. شهيد شهرين جي مغفرت لاءِ دعا، ڀارت ۽ اسرائيل جي سازش ناڪام ويئي، تازين ڀارتي جارحيت خلاف پاڪستان جي ڪاميابي الله تعاليٰ جي مدد، قومي همٿ ۽ سياسي قيادت جي يڪجهتي سان حاصل ٿي،هن چيو ته ڀارت ۽ اسرائيل جي ملي ڀڳت سان خطي کي جنگ جي باهه ۾ اڇلڻ جي سازش ڪئي وئي، جيڪا پاڪ فوج جي تيارين، سياسي قيادت جي ٻڌي ۽ عوام جي اعتماد سان ناڪام بڻجي وئي، آهي هوڏانهن مولانا سائين مرمحمد هنجرا، امر جمعيت علماء اسلام ضلع خيرپور مرس مولانا نعمت الله شيخ، جنرل سکر جمعيت علماء اسلام ضلع خيرپور مرس جن چيو آهه ته پاڪ فوج جا جوان شهادت جي جذبي سان سرشار آهن، جن دشمن کي بروقت ۽ سخت جواب ڏنو "اها بندوق سان گڏ، ايمان، قرباني ۽ قوم جي دعائن جي طاقت هئي،هن شهيد ٿيل بيگناهه شهرين جي مغفرت لاءِ دعا ڪئي ۽ چيو ته، "الله پاڪ انهن جي رت کي قومي عظمت جو سرمايو بڻائي اهڙي پذرائي جي يو آءِ سنڌ جي انفارميشن سيڪريٽري ڊاڪٽر اي جي انصاري ۽ مفتي محمد ماجد هنجرا پريس ترجمان جمعيت علماء اسلام ضلع خيرپور مرس پريس رليز ۾ ڪئي. "مولانا فضل الرحمان برادر اسلامي ملڪن خاص طور تي سعودي عرب جي مثبت ڪردار کي ساراهيندي چيو ته پاڪستان انهن جي ساٿ ۽ سهڪار کي قدر جي نگاهه سان ڏسي ٿو.هن اميد ظاهر ڪئي ته الله پاڪ پاڪستان کي هر امتحان کان محفوظ رکي، ۽ ملڪ کي حقيقي اسلامي فلاحي رياست بڻائي.

بقايا 03

"ملهايو ويو جنهن ۾ جوائنٽ ضلعي آرگنائيزر محمد سعيد شيخ، عمير قمر ضلعي ڪميٽي جي ميمبرن، مختلف يونٽن جي عهديدارن، ڪارڪنن ۽ عوام وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. تقريب ۾ پاڪ فوج پاران ڀارت کي بهترين حڪمت عملي تحت مضبوط ۽ فيصلائتو جواب ڏيڻ جي خوشي ۾ ايم ڪيو ايم پاڪستان جي ڪارڪنن عوام ۾ مٺايون ورهايون ۽ جهمريون پڻ پاتيون. ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته جنهن طريقي سان ڀارت پاڪستاني سرحدن کي نشانو بڻايو ۽ بزدلاڻي ڪارروائي ۾ بيگناهه شهري شهيد ڪيا، اسان ان جي جيتري به مذمت ڪجي گهٽ آهي. هتن چيو ته پاڪستاني فوج دنيا جي هڪ بهترين تربيت يافته ۽ ماهر فوج آهي، جنهن طرح فوجي آفيسرن، سپاهين ۽ جوانن ڪاميابي ۽ دليري سان نام نهاد دهشتگرد ملڪ ڀارت خلاف ڪامياب آپريشن ڪيو، اهو قابل تعريف عمل آهي جنهن لاءِ پاڪستاني فوج کي خراج تحسين پيش ڪجي ٿو_ هتن چيو ته قوم کي پاڪستاني فوج تي فخر آهي جيڪا سرحدن ۽ ملڪ جي بهتر طريقي سان حفاظت ڪري رهي آهي، جنهن جي ڪري ماڻهو آزاد فضا ۾ بغير ڪنهن خوف جي ساهه کڻي آرام سان سمهن ٿا_ مقررين وڌيڪ چيو ته پاڪستاني فوج ۽ ٻين سيڪيورٽي فورسز جي جوانن ملڪ جي دفاع لاءِ لازوال ۽ عظيم قربانيون ڏنيون آهن، جيڪو بي مثال آهن، پاڪستاني قوم انهن جي قربانين کي ڪڏهن به وساري نه ٿي سگهي ۽ انهن جي قربانين کي هميشه سونهري اکرن ۾ لکيو ۽ ياد رکيو ويندو _ هتن چيو ته ايم ڪيو ايم پاڪستان جا سمورا عهديدار، ڪارڪن ۽ عوام پاڪ فوج جي سان گڏ آهن ۽ هميشه رهندا.

بقايا 04

ڪري ڇڏيو ترجمان ايس ايس پي سکر موجب گذريل ڏينهن ايس ايڇ او آباد ٿاڻو ذوالفقار چاچڙ بسم الله ٽائون سائيٽ ايريا جي علائقي مان گم ٿيل آمنه نالي هڪ ٻارڙي کي ڳولهي ان جي چاچي داد الله ولد شاهنواز رند ۽ ان جي ماءُ حوالي ڪري ڇڏيو گم ٿيل ٻارڙي جي ملڻ تي وارثن ۾ خوشي جي لهر پکڙجي وئي ۽ هتن پوليس عملدارن کي دعائون ڏيندي پوليس جو شڪريو ادا ڪيو.

بقايا 05

جو پاڻي جي واري تاءَ جهيڙو لٺيون ڪهاڙيون ۽ گولي لڳڻ سبب معشوق زرداري طفيل زرداري سخت زخمي ٿي پيا جن کي مقصودو رند پوليس سمس اسپتال آندو جتي زخمين جي حالت خراب هجڻ سبب حيدرآباد ريفر ڪيو ويو آهي ان موقعي تي زخمي معشوق زرداري جي پٽ آفتاب زرداري ميڊيا اڳيان ڏانهون ڪندي چيو ته منهنجا چاچا نياز حسين، محبوب حسين، عاشق حسين، ديدار حسين ۽ ٻين نامعلوم هٿيار بندن زخمين تي ڪهاڙين لٺن ۽ هٿيارن سان حملو ڪري زخمي ڪيو آهي اسان جي هڪ جريب زرعي زمين ۽ پاڻي تي قبضو ڪرڻ چاهين ٿا ان ڪري حملو ڪيو اٿن هوڏانهن جهيڙي سبب علائقي ۾ خوف ۽ هراس ڇانيل آهي. پوليس رپورٽ درج ڪري وڌيڪ جهيڙي جي ڪنٽرول ڪري ڇڏيو.

بقايا 06

ڪي مقامي ماڻهن جي اطلاع تي همدرد فري ايمبولينس سروس جي ريسڪيو ٽيم واقعي واري هنڌ پهچي لاش تعلقه اسپتال سڪرنڊ پهچايو جتي ڊاڪٽرن پاران لاش جي ڪنڊيشن مان واقعي کي به ڪان به ٽي ڏينهن پراڻو ٻڌايو آهي جنهن بعد ضروري ڪاغذي ڪاروائي بعد لاش جي سڃاڻپ نه ٿيڻ ڪري تعلقه اسپتال جي مرده خاني ۾ امانت طور رکيو ويو آهي هوڏانهن همدرد فري سروس جي انچارج اقبال رند ٻڌايو ته لاش پراڻو هئڻ ڪري بدبوءِ ڪري ويو بدبوءِ جيڪا آس پاس جي ماڻهن تائين پهتي جنهن بعد مقامي ماڻهو بدبوءِ جا پيرا کڻي لاش وٽ پهتا جن پوليس کي اطلاع ڪيو جنهن بعد پوليس همدرد جي ريسڪيو ٽيم ذريعي لاش تعلقه اسپتال پهچايو ياد رهي ته ڪجهه ڏينهن ۾ هي چوٿون لاش هٿ آيو آهي

بقايا 07

جي حد مان مڇي جي تلاءَ تان هاسيجا مهرواسي بن پاٽرن جاويد مهر ۽ صدام مهر کي هٿياربند مبينا طور تي اغوا ڪري فرار ٿي ويا. واقعي جو پوليس کي اطلاع ڪيو ويو.واقعي بعد ڳوٺاڻا پوليس جي مدد سان پيرا کڻي ڪچي طرف روانا ٿيڻ جا اطلاع، ان موقعي تي مبينا اغوا ٿيلن جي والد علي گل مهر جو چوڻ هو ته جاويد مهر ۽ صدام مهر پنهنجي مڇي جي تلاءَ تي ويل هئا ته واپس ناهن موٽيا جن کي اغوا ڪيو ويو آهي.

بقايا 08

گڏجي پريس ڪلب پهچي وياجين جي ظلمن کان تنگ ٿي احتجاج ڪيو ان موقعي ميڊيا سان ڳالهائيندي بيواهه عورت اقبال خاتون چيو ته منهنجو پٽ حلوا پڙي جو ريڙهو هٽي گهر جو جرخو هلائيندو آهي، سجاد ميمڻ نالي وياجي شخص منهنجي پٽ کي تنگ ڪري رهيو آهي،هڪڙي موبائيل ڏيئي منهنجي پٽ کان لکين روپيه وياج وٺي چڪو آهي، جڏهن ته منهنجي پٽ جي موٽرسائيڪل پڻ سجاد ميمڻ کاهي ويو آهي، هن چيو ته وياجي سجاد ميمڻ روز دروازي تي هٿياربند ماڻهو وٺي اچي ٿو ۽ موت مارڻ جون ڌمڪيون ڏيئي گار گند ڪري ويندو آهي، لکيدر پوليس اسان جو ڪيس وٺڻ لاءِ تيار نه آهي، وياجين جي ڌمڪين سبب پٽ روزگار تي به نه ٿو وڃي سگهي جنهن ڪري گهر ۾ فاقاڪشي پيدا ٿي وئي آهي، هن ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ايس ايس پي شڪارپور سميت ڊي ايس پي ستي ميڊيم پارس بڪرائي کان گهر ڪئي ته خدارا وياجين جي ظلمن جو نوٽيس وٺي تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 09

عبدالباسط ۽ مولوي عبد لغاري جي اڳواڻي ۾ مختلف مدرسن جي طالبن پاران هندستان جي جنگي جنون کي ڪچلڻ تي پاڪ فوج کي خراج تحسين پيش ڪرڻ لاءِ هڪ پرجوش ريلي ڪڍي وئي، ريلي ايم اي جناح روڊ کان شروع ٿي ۽ شهر جي مکيه شاهراهن کان ٿيندي سانگهڙ پريس ڪلب تي ختم ٿي، مدرسن جي نوجوان شاگردن ريلي ۾ شرڪت ڪئي، جن جي هٿن ۾ پاڪستاني جهنڊا هئا. ٻارن جو پنهنجي وطن لاءِ پيار ۽ جذبو قابل تعريف نظر آيو هو. ريلي ۾ شرڪت ڪندڙن "پاڪ فوج زنده باد"، "پاڪ هوائي فوج زنده باد" ۽ "پاڪستان زنده باد" جا نعرا لڳايا. ريلي جي منتظمين ۽ شرڪت ڪندڙن پاڪستان آرمي ۽ پاڪستان ايئر فورس جي بهادر سپاهين کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو ته جنهن طريقي سان پاڪستان جي بهادر جوانن دشمن کي ڪجهه ڪلاڪن ۾ منهن ٽوڙ جواب ڏئي ڀارت جي غرور ۽ غرور کي ڪچليو ويو اهو پاڪستاني قوم جي هٿياربند فوج تي مڪمل اعتماد جو ثبوت آهي. شرڪت ڪندڙن چيو ته مودي حڪومت جو خيال هو ته اها ايٽمي طاقت هجڻ جو دعويٰ ڪري پاڪستان کي ڊيڄاريندي، پر اسان جي بهادر فوجن ثابت ڪيو ته پاڪستان جو هر ٻار مادروطن جي دفاع لاءِ هر محاذ تي پاڪستاني فوج سان گڏ بيٺو آهي. مدرسي جي استادن ۽ شاگردن چيو ته ريلي جو مقصد صرف شڪرگذاري جو ڏينهن ملهائڻ نه پر دشمن کي پيغام ڏيڻ پڻ آهي ته ديني مدرسن جا شاگرد به ملڪ جي سالميت ۽ پاڪستاني هٿياربند فوج جي حمايت ۾ سڀ کان اڳيان آهن. ريلي جي آخر ۾ شهيدن جي درجن جي بلندي ۽ ملڪ جي سلامتي لاءِ دعا پڻ گهري وئي.

بقايا 10

صدر مولانا عبدالرشيد ٿانوري جي زير صدارت ۾ ٿي گذريو، جنهن ۾ تمام علماءِ اڪرامن ۽ عهديدارن ڀرپور شرڪت ڪئي ، اجلاس ۾ شهري مسائل بابت ۽ محرم الحرام ۾ شهداءِ اسلام جي عنوان سان پروگرام ڪوٺائڻ جو اعلان ، ۽ ڀارتي جارحيت ناڪام ٿيڻ تي ۽ پاڪستان جي ڪاميابي الله جي مدد ۽ قومي اتحاد جو نتيجو آهي، جو آءِ سربراهه مولانا فضل الرحمان ،عوام، سياسي قيادت ۽ پاڪ فوج کي مبارڪباد، شهيد شهرين جي مغفرت لاءِ دعا ڪرائي وئي ، ڪونايل اجلاس ۾ صدر مولانا عبدالرشيد ٿانوري ، جنرل سيڪريٽري مولانا صدام حسين سبزوئي ، مولانا عبدالغفور پتو ، قاري لياقت علي مغل ، مولانا عبدالصمد انقلابي، حافظ رفيق احمد توحيدي ، مولانا امان الله سکهروي ، مفتي اعظم مهر ، مولانا محمد قاسم شيخ ، مولانا عبداللطيف سڏايو ، مولانا محمد يعقوب حيدري ، نعت خوان راشد احمد منگي ، فضل الرحمان مهر الله بخش شيخ سميت ٻين اڳواڻن شرڪت ڪئي ، اجلاس ۾ عهديدارن ۽ علماءِ اڪرامن خطاب ڪندي چيو ته حاليه ڀارتي جارحيت خلاف پاڪستان جي ڪاميابي الله تعاليٰ جي مدد، قومي همٿ ۽ سياسي قيادت جي يڪجهتي سان حاصل ٿي، هتن چيو ته ڀارت ۽ اسرائيل جي ملي ڀڳت سان خطي کي جنگ جي باهه ۾ اڇلڻ جي سازش ڪئي وئي، جيڪا پاڪ فوج جي تيارين، سياسي قيادت جي ٻڌي ۽ عوام جي اعتماد سان ناڪام بڻجي وئي، پاڪ فوج جا جوان شهادت جي جذبي سان سرشار آهن. جن دشمن کي بروقت ۽ سخت جواب ڏنو "اها بندوق سان گڏ، ايمان، قرباني ۽ قوم جي دعائن جي طاقت هئي، علماءِ اڪرامن اميد ظاهر ڪئي ته الله پاڪ پاڪستان کي هر امتحان کان محفوظ رکي، ۽ ملڪ کي حقيقي اسلامي فلاحي رياست بڻائي، اجلاس ۾ تنظيمي صدر ۽ جنرل سيڪريٽري ڪابينه جي مشاورت سان مفتي محمد اعظم مهر کي تنظيم خطباء اهلسنت والجماعت ضلع سکر پاران سيڪريٽري اطلاعات پڻ مقرر ڪيو ويو.

بقايا 11

جي اڳيان مظاهرو ڪيو ويو هن موقعي تي بدين ضلع جي صدر نور محمد ۽ اڳواڻن محمد شريف احمد خان نعيم احمد غلام مصطفيٰ ۽ ٻين چيو ته پاڪ فوج جي جوانن هميشه پنهنجي ملڪ ۽ قوم جي حفاظت جي لاءِ پنهنجي جان جا نذرانا پيش ڪري دنيا ۾ پاڪستان جو نالو روشن ڪيو آهي هتن چيو ته پاڪستان فورسز جنهن بهادري سان ڀارت جي خلاف جنگي برتري حاصل ڪئي ان تي کيس خراج تحسين پيش ڪريون ٿا

بقايا 12

وجڻ جو ڪيس مقتول جي ڀاءُ جي فرياد تي نامعلوم جوابدارن خلاف داخل ڪاٻه گرفتاري نه ٿي خبر موجب:شهدادپور ۾ 5 ڏينهن اڳ ٻرهوڻ روڊ جي ڳوٺ هاشم خاصخيلي ۾ ڳوٺ ٻاهران اوطاق تي نامعلوم هٿياربندن جي چڙهائي دوران فائرنگ ۾ گولي لڳڻ سبب اوطاق تي ويٺل پورهيت پريل خاصخيلي قتل ٿي ويو هو جنهن جو ڪيس شهدادپور ٿاڻي تي مقتول جي ڀاءُ محمد خان خاصخيلي جي فرياد تي نامعلوم جوابدارن خلاف داخل ڪيو ويو آهي ۽ پوليس ڪاٻه گرفتاري وغيره نه ڪئي آهي ان سلسلي ۾ رابطو ڪرڻ تي ڊي ايس پي شهدادپور تنوير شاهه ٻڌايو ته پريل خاصخيلي جي قتل جو ڪيس سندس ڀاءُ نامعوم جوابدارن خلاف داخل ڪرايو آهي واقعي جي جانچ ڪري رهيا آهيون.

بقايا 13

پنهنجي گهر آڏو قاتلاڻي حملي ۾ زخمي ٿيل قوم پرست اڳواڻ ستار خان چانڊيو جو نوجوان پٽ الهه جڙيو چانڊيو ڪراچي جي اسپتال ۾ زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو سندس فوت ٿيڻ جي خبر ڪنڌڪوٽ شهر ۾ باهه جيان پکڙجي ويئي نتيجي ۾ شهر فوتي جي سوڳ ۾ مڪمل طور تي بند ٿي ويو فوتي جي مڙهه کي ڪراچي کان ڪنڌڪوٽ هيلٿ سينٽر آڻي پوسٽ مارٽم ڪيو ويو انهي موقعي تي چانڊيا برادري جي سوين ماڻهن پوسٽ مارٽم کان پوءِ لاش سميت پوليس اسٽيشن ڪنڌڪوٽ آڏو ڌرڻو هڻي سخت نعريبازي ڪئي ۽ ڪور برادري سان تعلق رکندڙ قاتلن جي گرفتاري جو مطالبو ڪيو. انهي موقعي تي عوامي نيشنل پارٽي جي اڳواڻ ضلع سالار عبدالستار خان چانڊيو، عبدالواحد چانڊيو، نارو چانڊيو، غلام رسول چانڊيو صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته اڱاري جي ڏينهن مرحوم الهه جڙيو جو تيجهو آهي ۽ اسان تيستائين ڌرڻو ختم نا ڪريون پر جيڪڏهن تيجهي تائين ايف آءِ آر ۾ نامزد ٿيل جوابدار گرفتار نه ڪيا ويا ته پوءِ پوري سنڌ جي چانڊيا برادري سان گڏجي ايس ايس پي آفيس بدين آڏو تاريخي ڌرڻو هڻنداسين ۽ ڪنهن به اڻوڻندڙ صورتحال جي ذميوار بدين انتظاميا هوندي. جڏهن ته ڪنڌڪوٽ پوليس جي ايس ايڇ او غلام قادر سرڪي ۽ ايس ايڇ او بدين انور لغاري وڏي نفري سان ڪنڌڪوٽ ٿاڻي تي موجود هئا ۽ صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته قانون کان ڪو به مٿاهون ناهي اسان ڪجهه گرفتاريون ڪيون آهن باقي رهيل جوابدار گرفتار ڪرڻ لاءِ اسان ٽن ٽن تي مشتمل ٽيم ناهي آهي ۽ تيجهي کان اڳ ۾ رهيل جوابدار گرفتار ڪري ڪورٽ ۾ پيش ڪنداسين

بقايا 14

جي آفيس ۾ ٿي گذري جنهن ۾ اسٽيشن مئنيجر سيد غضنفر بخاري، سالگره جو ڪيڪ ڪاٽيو ان موقعي تي پروگرام مئنيجر رشيد ڪليري، نيوز انچارج فرمان علي سومرو، گهوٽڪي 91 ريڊيو جو بيورو چيف مسرت علي مهر آر جي ساجد ڪورائي، عرفان علي سومرو، آر جي مختيار مگريو آر جي نجم گڏاڻي،آر جي بيوس بخش علي منگراهه ،ٽيڪنيڪل انجنيئر اورنگزيب مهر احمد علي سومرو، حاجي نظير احمد لانگاهه، اسد علي گهنجيون، عبدالحفيظ ابڙو ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ،ان موقعي تي اسٽيشن مئنيجر سيد غضنفر بخاري مختصر ڳالهائيندي چيو ته گهوٽڪي ريڊيو ايف ايم هڪ فيملي چينل آهي جنهن پنهنجي لسنر کي نه صرف انٽرٽينمينٽ، پر خبرون ۽ مسئلن کي به اجاگر ڪيو آهي ۽ سموري ٽيم محنتي آهي جنهن پاڻ نڀايو آهي. پاڪ ڀارت جنگ جي حوالي سان چوڻ هو ته پاڪستان امن پسند ملڪ آهي، جيڪو هميشه امن کي ترجيح ڏئي ٿو، پر پنهنجو دفاع به ڪرڻ ڄاڻي ٿو، اسٽيشن مئنيجر وڌيڪ چيو ته پاڪ فوج جي قربانين کي ڪڏهن به نٿو وساري سگهجي قوم انهن سان گڏ ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيٺل آهي.

بقايا 15

گڏ آهي ڪافر مودي کي ڀل آهي ته پاڪستان جي عوام ۽ پاڪ فوج کي شڪست ڏيڻ جي دماغ مان هوا ڪڍي ڇڏي اهڙو اظهار ايڊووڪيٽ سنڌ هاءِ ڪورٽ ذيشان انيس جوڻيجو صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته پاڪستان جي عوام ۽ پاڪ فوج جا حوصلا بلند آهن ڪافر مودي کي ڀل آهي ته هو پاڪستان کي شڪست ڏيندو پاڪستان جو ٻچو ٻچو پاڪ فوج سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي مودي کي مونهن ٽوڙ جواب ڏينداسين ڀارت طرفان پاڪستان جي خلاف جارحيت جي سخت مذمت ڪريون ٿا هن چيو ته پاڪستان زنده داره ايٽمي ملڪ آهي ان جي خلاف سازشون ڪڏهن به ڪامياب نه ٿينديون ذيشان انيس جوڻيجو چيو ته اقوام متحده کي گهرجي ته هو ڀارت جي جنگي جنون جو نوٽيس وٺي ۽ پاڪستان ۽ ڀارت ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ کي ختم ڪرائڻ لاءِ پنهنجو عالمي ڪردار ادا ڪري علائقي ۾ وڌندڙ ايٽمي جنگ جي خدشن کي ختم ڪرائڻ ۽ امن امان بحال ڪرائڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪري هن چيو ته ڀارت پاڪستان کي ڪمزور سمجهي ٿو اها ان جي غلطي آهي

بقايا 16

مغيري، شبير بودي جي اڳواڻي ۾ ڊينٽر پينٽر مڪينڪ ڪالوني بس ٽرمينل سکر کان مسترين جي وڏي انگ ريلي ڪڍي سکر شڪارپور روڊ تي ڀارت خلاف نعري بازي ڪئي ۽ پاڪستاني فوج جي حمايت ۾ نعرا هنيا ان موقعي تي اڳواڻن پاڪستان جي جنگ ۾ شاندار فتح تي پاڪستاني قوم کي مبارڪ باد ڏيندي چيو ته پاڪستان پرامن ملڪ آهي جڏهن ته شيطاني ذهنيت رکندڙ هندستاني وزير اعظم نريندر مودي بلاجواز پاڪستان مٿان جنگ مڙهي پنهنجي ملڪ جي تباهي ڪرائي پاڪ فوج جي هڪ ڪاروائي جي ڊپ نه جهلي سگهيو ۽ امريڪي صدر جي پيرن تي ڪري جنگ بندي ڪرائڻ لاءِ منٿون ڪيون اڳواڻن چيو ته پاڪ فوج ايماني جذبي سان ملڪ جي سلامتي لاءِ بقاءِ جي جنگ وڙهي دنيا کي ثابت ڪري ڏيکاريو ته پاڪستاني فوج دنيا جي بهترين فوج آهي جنهن دشمن کي هڪ حملي ۾ ڍير ڪري ڇڏيو اسان پاڪستاني فوج جي آرمي چيف سميت ٻين جرنيلن ۽ جوانن کي سلام پيش ڪيون ٿا جن وطن جي حفاظت لاءِ بيمثال قربانيون ڏئي دشمن کي جهڪڻ تي مجبور ڪيو پاڪ فوج زنده باد پاڪستان پائنده باد.

بقايا 17

احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي مظاهرين سهٽو خان ڪوسو، زاهد حسين، عمران علي، ظهير عباس ڪوسو ۽ ٻين چيو ته 5 جنوري 2024 تي جتوئي برادري مصراڻي پاڙي جي ڏوهارين اسان جو نوجوان قتل ڪيو هيو جنهن جي ڪيس تان هٿ ڪڻڻ لاءِ 2 هفتا اڳ جوابدار غلام مصطفيٰ مصراڻي غلام سرور مصراڻي، سميت 10 هٿياربندن شهر ۾ گهڙي دڪان مٿان حملو ڪري سمير ڪوسو علي حيدر ڪوسو شيراز ڪوسو ۽ دڪان تي ڪم ڪندڙ معصوم پورهيت عبدالله چوهاڻ کي قتل ڪري ڇڏيو جڏهن ته رستي ويندڙ عورت سميت ٻه ڄڻا زخمي پڻ ٿي پيا هيا هتن چيو ته واقعي جو ڪيس نئون پنڊ ٿاڻي تي داخل ڪرايو آهي پر ٻه هفتا گذرڻ باوجود پوليس ڪاٻه ڪاروائي ناهي ڪئي هڪ به جوابدار گرفتار ناهي ٿيو هتن چيو ته جوابدار کلي عام اسان کي ۽ پوليس کي ڌمڪيون ڏئي ويڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل ڪري رهيا آهن پوءِ به پوليس جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ تيار ناهي اسان جا جوان پوليس چوڪي اڳيان ماريا ويا پر پوليس هن وقت تائين خاموش تماشائي بڻيل آهي، هتن اعلي اختيارين کان گهر ڪئي ته ڏوهاري قاتلن کي فوري طور گرفتار ڪيو وڃي ٻئي صورت ۾ ايس ايس پي سکر ۽ ڊي آءِ جي سکر جي آفيس اڳيان سخت احتجاج ڪري پاڻ ساڙينداسين ۽ ان جي ذميوار سکر پوليس هوندي.

بقايا 18

عورتن کي گرفتار ڪرڻ ۽ شاڪر پرٽ کي گولي هڻي زخمي ڪرڻ بعد بعد پنهور پرٽ برادري ۽ پوليس جي ميهڙ ٿاڻي تي ڇڪتاڻ ، ٿاڻي ۾ ڀيچ ڊاهه , ايس ايڇ او سميت 3 پوليس اهلڪار زخمي ٿيڻ ۽ 150 کان وڌيڪ ڳوٺاڻن تي دهشتگردي ائڪٽ ڪيس داخل ڪرڻ بعد ميهڙ پوليس جي وڏن اٿالن ميهڙ پرسان ڳوٺ عيسي پرٽ تي چڙهائي ڪري پرٽ برادري سميت رمضان قمبراڻي , علي بخش پرٽ , روشن پرٽ , مولا بخش , امير , اڪبر پرٽ سميت 14 ڄڻن جا گهر مڪمل طور ڊاهي ڇڏيا آهن واقعي خلاف پرٽ برادري جي مردن ۽ عورتن احتجاج ڪندي پوليس اهلڪارن تي تشدد ڪرڻ , گهر ڊاهڻ , گهرن مان اناج , سونا زيور , ڪپڙا , بسترا , سولر پليٽون ۽ بئٽريون کڻي وڃڻ جا الزام هنيا آهن پرٽ برادري جي مردن , عورتن مسمات بيگم , فرزانه , پرٽ ۽ ٻين احتجاج ڪندي ڏانهيو آهي ته لاڙڪاڻي ۽ قمبر ضلعي ۾ پنهور برادري جي ٻن ڌرين ۾ مسئلو هلندڙ هيو جنهن ۾ پوليس اسان کي بي گناهه ملوث ڪري عورتون گرفتار ڪيون اسان تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪري وڏي تعداد ۾ پوليس اسان جي گهرن تي ڪاهه ڪري گهرن مان سونا زيور , بسترا , ڪپڙا اناج , سولر سميت الـ تلـ ٻهاري وئي آهي اسان جو مال به ڪاهي وئي آهي پوليس ڪو هڪ گهر به ناهي ڇڏيو پوليس گهرن ۾ گهڙڻ سبب اسان جي عورتن ٻارن تي تشدد ڪيو آهي سمورا گهر ڊاهي ڇڏيا آهن هتن چيو ته لاڙڪاڻي ضلعي ۾ پنهور برادري جي ٻن ڌرين ۾ ٿيل جهيڙي ۽ قتل سان اسان جو ڪو واسطو ناهي هتن مطالبو ڪيو آهي ته اسان جي گهر ڊاهڻ , سامان کڻڻ , ڪوڙن ڪيس داخل ڪرڻ واري واقعي جي شفاف جانچ ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا 19

نور محمد آرائي عبدالرشيد ڪلوئي ,غلام فريد جوکيو علـ گوهر ڪلهوڙو مظفر جوکيو ۽ ٻين هٿن ۾ پاڪ فوج جا بينر پلي ڪارڊ، جهنڊا کڻي پاڪ فوج سان اظهار يڪجهتي جي لاءِ دهشتگرد رياست ڀارت خلاف ۽ پاڪ فوج جي حمايت ۾ ريلي جيلاني پمپ کان ڪڍي ريلي جڏهن قومي شاهراهه تي پهتي ته جلوس جي صورت اختيار ڪري وئي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته دنيا ڏٺو پاڪ فوج هندستان جي جارحيت جو منهن ٽوڙ ڏئي دشمن فوج جا ائير بيس سندس ملڪ ۾ وڃي تباهه ڪري سچي قوم جو ڳاٽ فخر سان اونچو ڪري ڇڏيو ۽ دنيا ڏٺو ڀارت جي بزدل فوج پاڪستان جي شاهين آڏو بيهي نه سگهي ۽ هٿيار ڦٽا سيزفائر ڪرڻ تي مجبور ٿي وئي.

بقايا 20

وئي، ريلي مکي چندر بان، سورج ڪمار ,سڏام چند, عالم خان سيال، شرف الدين سومرو، معشوق سمون ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پنج گلي چوڪ کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي، ريلي ۾ شامل ماڻهن پاڪستان زنده آباد، پاڪ فوج زنده آباد جا نعرا هنيا، ريلي ۾ شامل ماڻهن پاڪ فوج جي حق ۾ نعريبازي ڪئي ۽ دهل تي جهمريون هڻي پاڪ آرمي سان محبت جو اظهار ڪيو. هوڏانهن تعلقي انتظاميا طرفان پاڪ فوج جي حمايت ۾ ريلي ڪڍي وئي، جنهن اڳواڻي ۾ مختيارڪار خانگڙهه عبدالسميع گجر ۽ ٻين ڪئي، ريلي ۾ روينيو، صحت کاتي جي عملدارن سميت سماجي ڪارڪنن شرڪت ڪئي، ريلي مختيارڪار آفيس کان گهوٽڪي بس اسٽينڊ تائين ڪڍي وئي،ريلي ۾ شامل ماڻهن پاڪستان زنده آباد، پاڪ فوج زنده آباد جا نعرا هنيا ويا. اڳواڻن جو چوڻ هو ته اسين پاڪ فوج کي سلام پيش ڪيون ٿا، پاڪ فوج پنهنجي ملڪ جي حفاظت ڪرڻ ڄاڻي ٿي،پاڪستان زنده آباد پاڪ فوج زنده آباد.

بقايا 21

۾ مها ڪرپشن ڪندڙ وي سي گلشن ميمڻ خلاف سياڻي قاضي احمد احتجاجي مظاهرو ڪيو ويندو ايس ٽي پي اڳواڻ ڏاڏو عثمان ٻگهيو تفصيل مطابق ايس ٽي پي اڳواڻ ڏاڏو عثمان ٻگهيو نواب ولي محمد جي صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته ايم سي اسپتال کي تباهه ڪندڙ وي سي گلشن ميمڻ خلاف قاضي احمد ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو ان سلسلي ۾ اڄ منهنجي صدارت هيٺ ٿي گذريو جنهن ۾ ايس ٽي پي تعلقه قاضي احمد جو صدر قربان مهڙ علي نواز بروهي. امين ڪليار ۽ ٻين ڪارڪنن شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ ايس ٽي پي جي مختلف يونٽن جي ڪارڪن ۽ صدرن کي پابند ڪيو ويو آهي ته سياڻي قاضي احمد ۾ سنڌ جي وڏي اسپتال پي ايم سي کي تباهه ڪندڙ وي سي گلشن ميمڻ خلاف احتجاجي مظاهري ۾ ڀرپور ڪن هن چيو ته احتجاجي مظاهرو جي اڳواڻي ضلعي صدر رفيق ملاح، ڏاڏو عثمان ٻگهيو ۽ تعلقه اڳواڻ ڪندا. هن وڌيڪ تعلقه قاضي احمد جي شعور رکندڙ ماڻهن کي هن احتجاج ۾ شرڪت ڪرڻ جي اپيل ڪئي

بقايا 22

جماعت ضمني اليڪشن بعد بوکلاٽ جو شڪار آهن پوليس ذريعي پي ٽي آئي ڪارڪنن خلاف انتقامي ڪاروايون شروع ڪيون آهن اهڙو اظهار پي ٽي آئي اڳواڻ دريا بچايو ڪاميٽي سنڌ جي ميمبر لال مالهي پريس ڪلب سامارو ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ڪيو لال مالهي چيو ته اسان کي ضمني اليڪشن ۾ وڏو ووٽ مليو عوام ساٿ ڏنو. ايندڙ اليڪشن ۾ ان کان وڏي ليڊ سان ڪاميابيون حاصل ڪنداسين. عمرڪوٽ ضلعي جي پوليس ناهل آهي پوليس اسان جي ڪارڪنن محرم خاصخيلي ۽ ٻين تي منشيات جا ڪوڙا ڪيس داخل رهي آهي . بودرفارم ۾ پٽي. ميگهواڙ , پنجابي برادري جي ماڻهن تي دهشت گردي جا قلم لڳائي ڪيس ڪيا ويا آهن پوليس ڪمداري ڪري پئي. منشيات پوليس جي سرپرستي هيٺ وڪرو ٿي رهيو آهي پوليس ڪاري رڍ وانگر آهي ڪارڪنن خلاف ڪوڙيون ايف آر ٿي رهيون آهن مخالف خلاف انتقامي ڪاروائيون شروع ڪيون آهن. وڏيرن کي هوش کان ڪم وٺن گهرجي . وڏيرا پوليس کي استعمال ڪن پيا . هتي جا حڪمران چور آهن ۽ ووٽ جا چور آهن. ويهه سالن کان پاڻي نه آهي ترقياتي ڪم نه ٿيا آهن شديد بد انتظامي آهي. وڏيرا پاڻي چور آهن ڪورٽ جي آرڊر باوجود پيئڻ لاءِ پاڻي نه آهي. نااهل وڏيرا ويهاري تباهي ڪئي آهي پاڻي جو مسئلو حل نه ٿي سگهيو آهي هتن چيو ته اسان جي ڪارڪنن خلاف انتقامي ڪاروايون بند ڪيون وڃن پاڪ فوج کي سلام آهي جنهن کي خراج تحسين پيش ڪيون ٿا ان موقعي تي اڳواڻ ايم پي اي ڊاڪٽر دوست محمد ميمڻ . سڪندر ڪوسو ۽ ٻيا به گڏ هئا

بقايا 23

پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو احتجاج ڪندڙ خالد پٽ رحمت الله گوپانگ پريس ڪلب آڏو ڏانهيندي چيو ته اناج منڊي ويجهو گهر ٻاهران صبح سوير ٻارڙا پاڻ ۾ وڙهيا هئا جن کي موڻ ڇڏائي ورتو هو هينئر پنهنجا رشتيدار اشفاق ڪرم علي خرم گوپانگ سميت اٽڪل ست ڄڻا بنا جواز گهر ۾ گهڙي مونکي ڪوهاڙين جا واڙ ڪري زخمي ڪيو بعد ۾ گهر جو سامان به کڻي ويا جيڪو اطلاع حد جي ٿاڻي اسٽور گنج پوليس کي ڪيو آهي پر پوليس ڪو به تدارڪ نه ٿي ڪري ۽ جوابدار بااثر هئڻ جو جواز ڄاڻائي پئي زخمي ٿيل اعلا اختيارين سميت ايس ايس پي شڪارپور کان گهر ڪئي آهي ته ڄاڻايل جوابدارن کي گرفتار ڪري مونکي انصاف ڏياريو وڃي.

بقايا 24

ٻن مختلف هنڌن تي ڪاروائيون ڪندي ٻن منشيات فروشن کي گرفتار ڪرڻ جي دعوا. گرفتار منشيات فروشن تي سرڪار پاران الڳ الڳ ڪيس داخل. تفصيل موجب: پوليس باڊهه روڊ تي گشت دوران منشيات فروش ذوالفقارنوناري کي هڪ ڪلو ۽ پاءُ چرس سميت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي آهي . ۽ ٻئي ڪاروائي ۾ نصيرآباد سرڪاري ڪٽڪ جي گودامن کان جيڪنگ دوران ديوان اشوڪ ڪمار کي 10 شراب جي بوتلن سميت گرفتار ڪرڻ جي دعوا ڪئي. پوليس ٻنهي گرفتار منشيات فروشن مٿان سرڪار ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. هوڏانهن ايس ايڇ او نصيرآباد رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته ايس ايس پي قمبر شهدادڪوٽ جي هدايتن تي شهر ۾ منشيات جي روڪٿام لاءِ منشيات فروشن جو گهيرو تنگ ڪيو ويندو ،ڪنهن کي به شهر ۾ منشيات هلائڻ جي اجازت نه ڏني ويندي. منشيات جي کلي عام هلڻ سبب شهر جا اڪثر نوجوان جنهن جي عمر اسڪول وڃڻ ۽ پڙهڻ جي آهي تقريبن 12 سالن جي عمر جي ٻارن کي منشيات جهڙي موضي جو عادي بڻايو پيو وڃي. هن چيو ته منشيات فروش ڊيلر چوڻ ته ڪيڏا به طاقتور هجن انهن خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي ,گرفتار جوابدار مٿان ڪيس داخل ڪيا ويندا.

بقايا 25

سميت مختلف جاين تي قومي جهنڊو ڦڙڪايو ويو جيڪو حب الوطني ۽ قومي اتحاد جي جذبي جو واضح اظهار آهي ان قدم جو مقصد قومي فخر يڪجهتي ۽ شهري ذميوارين جو احساس اجاگر ڪرڻ آهي. سرڪاري عمارتن تي ڦڙڪندڙ جهنڊا قوم جي خدمت سان واعدي، وفاداري ۽ جذبي جي نمائندگي ڪن ٿا ڊپٽي ڪمشنر ياسر ڀٽي چيو آهي ته "هي عمل اسان جي قومي اتحاد، يڪجهتي، ۽ ملڪ جي قدرن جي پاسداري لاءِ بي مثال عزم جو عڪس آهي. اهو اسان سڀني کي پاڪستاني هجڻ جي حيثيت سان پنهنجي گڏيل سڃاڻپ ۽ ذميوارين جي ياد ڏياري ٿو."ضلعي انتظاميا عوام کي به اپيل ڪري ٿي ته هو به هن قومي جذبي ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿين ۽ ملڪ جي ترقي، خوشحالي ۽ سڪون لاءِ پنهنجو مثبت ڪردار ادا ڪن.

بقايا 26

خاصخيلي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ سردار مارڪيٽ کان ريلي ڪڍي پريس ڪلب سامارو پهتا جتي پاڪ فوج جي حمايت ۽ ڀارتي جارحيت خلاف راجوڻي اتحاد دانيال خاصخيلي ۽ ٻين عوام سان مخاطب ٿيندي چيو ته خاصخيلي راجوڻي اتحاد پاڪ فوج سان گڏ آهي اگر وطن پاڪستان لاءِ جان ڏيڻو پيو ته اتحاد جو هر نوجوان جان ڏيڻ لاءِ تيار آهن ڀارت پنهنجي ذهن مان ڪڍي ڇڏي پاڪستان تي ڪو به حملو برداشت ڪون ڪبو ان موقعي تي ريلي ۾ نعمان خاصخيلي مناف خاصخيلي دلبر خاصخيلي شوڪت خاصخيلي اوولڪ ميگهواڙ اسد اقبال جٽ ۽ شهرين ٻين معززين شرڪت ڪئي جڏهن ته ان موقعي تي پاڪ فوج جي حمايت ۽ ڀارت خلاف سخت نعريبازي ڪيي وئي

بقايا 27

فرار ٿي ويا،سرحد ويجهو ڪاري گهٽ پرسان قومي شاهراهه تي ميرپور کان گهوٽڪي ويندڙ نوجوان نويد سومرو کان نامعلوم هٿياربند 2024 ماڊل موٽرسائيڪل ۽ ٻيو سامان هٿيارن جي زور تي ڦر ڪري فرار ٿي ويا.واقعي جو پوليس کي اطلاع ڪيو ويو. ان موقعي تي متاثر نوجوان ايس ايس پي، گهوٽڪي ۽ ٻين وس وارن کان ڦر ٿيل موٽرسائيڪل ۽ ٻيو سامان واپس ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا 28

ڪردار ادا ڪندڙ عبداللطيف ميمڻ سورج سجاولي پريس ڪلب پهچي صحافين سان ملاقات ڪئي صحافين سان ڳالهائيندي هن چيو ته حق ۽ سچ جي صحافت ماڻهن جي مسئلن جو حل آهي صحافي دوست ٿي ماڻهن جا مسئلا اعليٰ ايوانن تائين پهچائڻ ۾ ڪردار ادا ڪندا آهن سجاول جي صحافت نمايان رهي آهي سيئي صحافي دوست هڪ ٿين سجاول ۾ هڪ پريس ڪلب هجڻ گهرجي ٻڌي ۾ ئي طاقت آهي سجاول جا صحافي دوست هڪ پيج تي گڏ ٿين ان لا اسان پڻ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪنداسين. هن چيو ته عوام جي خدمت ڪرڻ ۾ سڪون ملي ٿو فلحال نٿو ٻڌائي سگهان ته اليڪشن ۾ حصو وٺندس يا نه باقي عوام جذمت جو جذبو آهي جيڪا خدمت جاري رهندي.. ان موقعي تي ساڻس گڏ عبدالله خان لغاري . شهمير گبول. شعيب پنهور آن ڪا ن اڳ صحافين پريس ڪلب پهچڻ تي شڪريو ادا ڪيو پريس ڪلب جي صدر اسماعيل سرويچ جنرل سيڪريٽري ساگر سليم ڪوسو ملڪ صديق ملاح نجيب سرويچ صديق آرائين شبير سمون. ڪاشف جوڻيجو غفار ٻارڻ سليم ملاح اسماعيل کتري. گلشير ميربحر . حيدر شاهه .وجاهد شاهه.جاني جگر سميت عرفان سومرو عبدالشڪور ميربحر عرفان لغاري خدابخش ڪونجرو پاران عبداللطيف ميمڻ ۽ آيل مهمانن کي لونگين اجرڪون جا تحفا پيش ڪيا ويا

بقايا 29

ايس ڊي او ڏهرڪي ايريگيشن خلاف مظاهرو اوباوڙو سونڻ شاخ جي آبادگارن جو سيڊا ڊائريڪٽر ايريگيشن کاتي ميرپور ماٿيلو خلاف آبادگار اڳواڻن چوڌري عبدالله ميان سڪندر پارو منظور احمد عالماڻي عبدالشڪور سومرو ۽ ٻين جو سيڊا ڊائريڪٽر شبير پتو ايريگيشن انجنيئر ميرپور ماٿيلو موزم لوهار ايس ڊي او ايريگيشن ڏهرڪي نعيم آفتاب نائيچ خلاف احتجاجي مظاهرو سخت ناري بازي ان موقعي تي آبادگارن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ظلم آهي اسان جي ٻچن جي روزي آهي سونڻ شاخ ۾ پاڻي ناهي سونڻ شاخ جي کاتي به نه ٿي آهي اسان جڏهن ايس ڊي او ڏهرڪي ايريگيشن نعيم آفتاب نائيچ سان رابطو ڪيوسين ته ان ڌمڪي ڏني ته اوهان ڪير ٿيندا آهيو مونکان پڇڻ وارا اوهان پنهنجا وڃي ڪم ڪريو افسوس آهي اسان جي هزارين ايڪڙ زمين بنجر ٿيڻ جو خطرو آهي سونڻ شاخ جي لاءِ کاتي جا پئسا جيڪي آيا آهن ان خلاف انڪوائري ڪئي وڃي ڪرپشن ڪندڙ آفيسرن خلاف ڪاروائي ڪري سونڻ شاخ جي کاتي ڪرائي آبادگارن کي پاڻي ڏنو وڃي جئين اسان پنهنجو فصل ٽائيم سان پوکي سگهون اسان جو وزيراعلي سنڌ حڪومت سنڌ کان مطالبو آهي

بقايا 30

مرمتي ڪم نه ٿيڻ سبب علائقي واسي سخت تڪليفن کي منهن ڏين لڳا ڳوٺاڻن جو گيچاڻي وايه سرهاري لنڪ روڊ تي احتجاجي مظاهرو نعريبازي تفصيل موجب گيچاڻي وايه سرهاري لنڪ روڊ جو مرمتي ڪم گزريل 20 سالن کان نه ٿيڻ سبب روڊ ۾ ڪوڏي جيترا کڏا پئجي ويا روڊ اکڙي مڪمل تباهه ٿي ويو آهي ان سلسلي ۾ مقامي ڳوٺاڻن امير علي مغيري حبيب الله رخشاڻي منير هوش محمد رند جي اڳواڻي سرهاري روڊ تي نتهڻ اس ۾ احتجاج ڪيو اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو گزريل 20 سالن کان روڊ جو مرمتي ڪم نه ٿيڻ سبب روڊ اکڙي تباهه ٿي ويو آهي اسڪول ويندڙ شاگرد ٽوڙي مقامي ماڻهون سخت مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهن سرهاري گيچاڻي روٽ تي هلندڙ گاڏيون روڊ تتل هي. سبب بند ٿي ويا آهن بار بار دانهن ڏيڻ باوجود ڪير ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي. پ پ اڳواڻ هر اليڪشن ۾ روڊ ٺهرائي ڏيڻ جا واعدو ڪري اليڪشن بعد گم ٿي وڃن ٿا انهن تڪ جي ايم اين اي خاتون اول آصفا ڀٽو زرداري ۽ ايم پي اي عذرا پيچوهو کان مطالبو ڪيو ته نوٽيس وٺي روڊ جو مرمتي ڪم شروع ڪرائي علائقي واسين مان بيچيني ختم ڪئي وڃي.

بقايا 31

منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ خاص مهمان طور ڪراچي مان هاءِ ڪورٽ جي وڪيل ميڊم بشرا افتخار پروفيسر نادر جمالي، سنڌياڻي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ اميرزادي برهماڻي , يوسي چيئرمين علي غلام لغاري، فراز , زاهد لاشاري، رحمان چنا، واحد چنا، عنايت رستماڻي ,صالح ڪوسو, شاهه محمد , آصف رستماڻي ۽ غلام نبي رستماڻي شرڪت ڪئي. تقريب ۾ آيل مهمانن ڳالهائيندي اداري جي ڪوشش کي ساراهيو ۽ چيو ته "ناليج ان فار رائزنگ اسٽار" ڪاڇي جي علائقي ۾ تعليم جي ميدان ۾ روشنيءَ جو ڏيئو ٻاري رهيو آهي. خاص طور تي انفارميشن ٽيڪنالاجي جهڙي جديد شعبي ۾ هتان جا نوجوان ڪاميابي سان اڳتي وڌي رهيا آهن. جيڪو علائقي لاءِ حوصلا افزا عمل آهي , ان موقعي تي سي آءِ ٽي (CIT)جي ڪورس ۾ ڪاميابي ماڻيندڙ شاگردن ۾ سرٽيفڪيٽ ورهايا ويا. جڏهن ته پوزيشن ڪٽندڙ شاگردن کي خاص ايوارڊ سان نوازيو ويو. شاگردن پاران ٽيبلوز پيش ڪيا ويا , تقريب کي امجد برهماڻي , الطاف برهماڻي , عنايت رستماڻي عارفه برهماڻي ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو. پروقار تقريب ۾ مقامي استادن، والدين، شاگردن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ۽ اداري جي انتظامن کي ساراهيو , اداري پاران مهمانن کي شيلڊز پڻ پيش ڪيون ويون

بقايا 32

پبلڪ اسڪول شهدادپور سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن ۽ سنڌ گرين فائونڊيشن طرفان لڳائي وئي; ڪئمپ ۾ مختلف علائقن کان مسڪين غريب مريض اچي ڪري پنهنجو چيڪ اپ ڪرايو. مريضن کي مفت دوائون پڻ ڏنيون ويون. ان موقعي تي ميڊيڪل آفيسر ڊاڪٽر آفتاب احمد ڳرواڻ اسڪول جو اونر عبدالسلام انڙ; سنڌ گرين فائونڊيشن جو اونر نور منگي; عوامي ورڪرز پارٽي صوبائي صدر قاضي عليوناز نظاماڻي اظهر پٺاڻ ۽ ٻين چيو ته صحت جي آگاهي لاءِ ڪئمپ لڳائڻ تمام سٺو قدم آهي صحت جي بچاءِ جي هڪ ڄاڻ ڏيڻ ۽ غريب مسڪين خلق خدا جي چڪاس ڪرڻ سان خبر پوي ٿي ته ڪهڙا مرض آهن; ڊاڪٽر آفتاب ڳرواڻ چيو ته چڪاس ڪرڻ کان پوءِ خبر پئي ته ٻارن جي پيٽ ۾ خرابي آهي خاص ڪري ٻهراڙي جي ٻارڪي جي گهرن ۾ رهن ٿا ان ڪري مٽي ۽ ميٽ کائين ٿا جنهن جي واپرائڻ سان ٻار ۾ پيٽ ۾ سور ۽ مختلف بيماريون جنم وٺن ٿيو ٻهراڙي جي عورت هڪ ته اڻ پڙهيل آهن ان کي ڪنهن به ڳالهه جي خبر ناهي ان ڪري هن وانگر مفت صحت جي آگاهي جا پروگرام ڪري انهن کي هڪ ته آگاهي به ڏئي سگهجي ٿي ۽ صحت ۾ وڌندڙ بيمار لاءِ احتياطي تدبيرون به ٻڌائي سگهجن ٿيون اهڙا پروگرام ٿيڻ گهرجن. هن ڪئمپ ۾ مريضن کي مفت چڪاس ۽ مفت دوائون پڻ ڏنيون ويون آخر ۾ اسڪول جي اونر عبدالسلام انڙ آيل مهمانن کي سنڌ جي ثقافت اجرڪون ۽ شڪريو پڻ ادا ڪيو

بقايا 33

جي دستوري گڏجاڻي سينيئر شاعر استاد ڪندن لعل جي صدارت ۾ ٿي گڏجاڻيءَ ۾ سنگت جي اڳواڻي اڊيٽر ۽ ناليواري شاعر سجاد ميراڻي نظم ، بلال صابر بيت سميع سجاد غزل ۽ اسد بلوچ غزل اصلاحي تنقيد لاءِ پيش ڪيا. گڏجاڻي ۾ ڳالهائيندي سجاد ميراڻي چيو ته اڄ ڪلهه جيڪا شاعري سرجي ٿي ان ۾ مزاحمت جي کوٽ آهي هن وقت سنڌ تي جيڪو ڏکيو وقت آهي اسان جا اديب ۽ شاعر ان جي نشاندهي ڪري مزاحمتي ادب سرجن. صدارتي راءِ ڏيندي استاد ڪندن لعل چيو ته اڄ جي اديب ۽ شاعر کي ديس ۽ وطن لاءِ لکڻ گهرجي ۽ قلمي جهاد ڪرڻ گهرجي. گڏجاڻي ۾ ٻيرلوءِ جي ڌرڻي ۾ وڪيلن ۽ سنڌي ماڻهن جي جدوجهد کي ساراهيو ويو.

بقايا 34

ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي پاڪ فوج زنده آباد جا زوردار نعره هنيا ويا مودي سرڪار تي ملامت جو وسڪارو رپورٽ موجب وڳڻ ۾ توتاڻي اتحاد ۽ شهرين پاران پاڪ فوج جي حمايت ۾ روڊن تي نڪري مک چوڪ کان وڳڻ سٽي پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي جنهن جي اڳواڻي انسپيڪٽر قربان علي توتاڻي گدا حسين توتاڻي صاحب خان توتاڻي احسان توتاڻي ڪامريڊ غلام حسين ۽ ٻين هٿن ۾ بينر کڻي مودي سرڪار جي جارحيت خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي انسپيڪٽر قربان علي توتاڻي صاحب خان ۽ ڪامريڊ غلام حسين چيو ته ڀارت جنگي جنون سبب دنيا ۾ ناڪام ٿي ويو آهي پاڪ فوج هر محاذ تي ملڪ جو دفاع ڪندي رهندي جنهن سان پاڪستاني قوم پاڪ فوج سان گڏ آهي پاڪ فوج پاران ملڪ تي ڀارت جي هروارجو منهن ٽوڙ جواب ڏنو آهي ڀارت دنيا اندر دهشتگردي ڪري رهيو آهي ڀارتي فوج عام شهرين تي حملا ڪيا جوابي ڪاروائي پاڪستان جو حق آهي جيڪو ڀارت کي ڀوڳڻو پيو آهي پاڪستان دنيا جي عظيم ۽ طاقتور فوج آهي پاڪ فوج جي صلاحيتن کي دنيا تسليم ڪيو آهي اقوام متحده ڪشمير مٿان ڀارتي جارحيت روڪرائي بيقصور ڪشميرين جو قتل عام بند ڪرايو وڃي.

بقايا 35

جروار تي قاتل پوليس جمعدار اريبلوگهوٽو نڪتو ۽ ٻيا 3 نامعلوم ماڻهو ڪيس ۾ نامزد آخري اطلاعن تائين قتل ۾ نامزد اريبلو جي گرفتاري جي تصديق نه ٿي سگهي جروار جي سياسي سماجي ڌرين پاران ڊي آئي جي سکر ايس ايس پي گهوٽڪي سميع الله سومرو ۽ ايس ايڇ او جروار کي گهرجي ته قتل ۾ نامزد ڪيل پوليس جمعدار اريبلي گهوٽي سميت نامعلوم ماڻهن کي جلد گرفتار ڪيو وڃي ۽ جوڊيشنل انڪوائري ڪندي اصل سگهارا چهرا ۽ قتل جو ڪارڻ ظاهر ڪيو وارثن کي انصاف فراهم ڪيو وڃي. تفصيل موجب جروار شهر جي شريف ۽ ڪاروباري خاندان سان واسطو رکندڙ نوجوان شهيد نويد جتني کي ٻه هفتا اڳ بائي پاس تي مٽي ۾ گولي هڻي قتل ڪيو جيڪو ڳجهارت بڻيل هو آخروارثن پاران قاتلن کي واڪو ڪندي انهن تي جروار ٿاڻي تي قتل جو ڪيس ڪيترن سالن کان جروار ٿاڻي تي رهندڙ ٿاڻي جو ڪرتا ڌرتا پوليس جمعدار اريبلو گهوٽو سميت ٽن ٻين نامعلوم ماڻهن تي داخل ڪري ڇڏيو وڌيڪ پوليس سان رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته وڌيڪ جاچ ڪيون پيا باقي قتل جي ايف آئي آر شهيد نويد جتني جي والد عبدالرحمان داخل ڪرايو آهي جروار جي سياسي سماجي ڌرين پاران شهيد نويد جتني جي قتل ڪيس ۾ نامزد ٿيل قاتل پوليس جمعدار اريبلو گهوٽو ۽ 3 نامعلوم قاتلن کي فوري گرفتار ڪيو ڊي آئي جي سکر ايس ايس پي گهوٽڪي سميع الله سومرو ۽ ايس ايڇ او جروار کي گهرجي ته جلد قاتل گرفتار ڪيا وڃن زريعن کان معلوم ٿيو آهي ته قتل ۾ اڃان لڪل سگهارا چهرا به جلد واڪا ڪيا وڃن جوڊيشنل انڪوائري به ٿيڻ گهرجي اصل سگهارا چهرا ۽ قتل جو ڪارڻ ظاهر ڪري وارثن کي انصاف ڪيو وڃي

بقايا 36

موقعي تي ميڙاڪو ڪيو ويو ۽ ڪيس تقريرن وسيلي خراج تحسين پيش ڪيو ويو. انهي موقعي تي ميڙاڪي کي خطاب ڪندي جيئي سنڌ قومي پارٽي جي اڳواڻ ڪامريڊ يوسف ڪنڀار قادر بخش زئور، وقار ميراڻي، سوڀل ميراڻي ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته شهيد هوش محمد شيدي دشمن کي للڪار ڪري سنڌ جي وطني حيثيت بچائڻ جي ڪوشش ڪئي. هن ان وقت پنهنجي قوم جي وارثي ۽ مالڪي ڪئي، جڏهن حڪمران هيٺاءِ ڪمزور لڳا پيا هئا. هن هلندڙ جنگ ۾ مرسون مرسون سنڌ نه ڏيسون جا نعرا هڻي دشمن جي صفن ۾ ڀاڄ وڌي. هو سر ڪٽائي شهيد ته ٿي ويو، پر ڪنڌ نه جهڪايو. اهڙا ڪردار صديون گذرڻ باوجود به قوم کي ياد هوندا آهن. شهيد هوش محمد شيدي سنڌ جي لاءِ ساهه جي آخري هڏڪي تائين وڙهيو. جيڪو مياڻي جي جنگ جو اصل فاتح ٿيو. ان موقعي تي شڪور ميربحر شبير شاهه ۽ جيئي سنڌ محاذ جي اڳواڻ سومار ٻارڻ پڻ خطاب ڪيو. ٻئي طرف قومي پارٽي يونٽ چار جو اجلاس ضلعي صدر وقار ميراڻي جي صدارت ۾ ٿي گذريو. جنهن ۾ چار ڳوٺ يونٽ جا نوان عهديدار چونڊيا ويا. جنهن موجب صدرعبدالشڪور ميربحر، نائب صدر شبير شاهه بخاري، جنرل سيڪريٽري محمد موسي ٻارڻ، جوائنٽ سيڪريٽري خادم ميراڻي ۽ خزانچي شهزاد ميراڻي کي مقرر ڪيو ويو. ٻئي طرف جيئي سنڌ قومي پارٽي جي چيئرمين نواز خان زئور چيو آهي ته سنڌ جون زمينون ۽ سنڌو درياهه کي بچائڻ جي لاءِ نئين سر جدوجهد جي ضرورت آهي. پرامن سياسي قومي جدوجهد ئي سنڌين کي بچائي سگهي ٿي. ان لاءِ سنڌ جي سڀني باشعور ماڻهن کي اڳتي اچڻو پوندو. جيستائين سنڌ جي قومپرست سياست مضبوط نه ٿيندي، تيستائين سنڌ جا مسئلا حل ٿي نه سگهندا.

بقايا 37

جي هدايتن تي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون ڪاشف رضا منگي جي قيادت ۾ ڊي سي آفيس کان شهيد محترمه بينظير ڀٽو چوڪ تائين ريلي ڪڍي وئي ريلي کي خطاب ڪندي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنرون ڪاشف رضا منگي چيو ته ڀارت رات جي اونداهه ۾ اسان جي پاڪ وطن تي حملو ڪيو اسان جي باهمت بهادر فوج پنهنجي ملڪ جي دفاع ۾ دشمن کي ڀرپور جواب ڏنو ۽ الحمد الله دنيا ڏٺو ته اسان جي فوج ڪاميابي ماڻي هن چيو ته ريلي جو مقصد اهو آهي ته اسان دشمن کي ٻڌائڻ چاهيون ٿا پوري قوم متحد آهي اسان پنهنجي رت جي آخري ڦڙي تائين دشمنن سان وڙهنداسين. هڪ دفعو ٻيهر پاڪ فوج دنيا تي ثابت ڪيو ته اسان جي فوج دنيا جي قابل فوج آهي ريلي ۾ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر انجم علي سومرو، ايڊيشنل ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر عبدالغفار ڪوسو تعلقا ايجوڪيشن آفيسر سيڪنڊري دلاور هليو سورمي سٽ جي اڳواڻ ماروي عابده سمون، سمورا اسسٽنٽ ڪمشنرن مختلف کاتن جنهن ۾ تعليم صحت پوليس روينيو وڪس هاءِ وي لوڪل گورنمينٽ صحافين سول سوسائٽي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن عورتن ٻارڙن ۽ عام شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

بقايا 38

جي اڳواڻ مقدس چانڊيو , عطا چانڊيو , ايڊووڪيٽ محمد اعظم خاصخيلي , ايڊووڪيٽ عابد ڪلهوڙو , ايڊووڪيٽ سعيد پنهور , ايڊووڪيٽ رحيم بخش ٻگهيو , علي نواز سومرو , ايڊووڪيٽ پنهل ڪوسو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ سوين ڪارڪنن عورتن ٻارڙن جهنڊا بينر کڻي اٽڪ پمپ بيٽو روڊ کان نڪتهڻ اس ۾ 3 ڪلوميٽر پيادل مارچ ڪري نعريبازي ڪندا هڪ شاندار ريلي ڪڍي وئي ريلي مختلف رستن کان ٿيندي ٽاور چوڪ وٽ پهتي ان موقعي تي هتن خطاب ڪندي چيو ته پيپلز پارٽي جا جيالا سنڌ حڪومت جا حڪمران سنڌ جي وسيلن تي ڏاڙا هڻي ڪارپوريٽ فارمنگ جي نالي سان پنهنجن من پسند ماڻهن کي زمينون ليز ڪري ڏئي ڇڏيون آهن سنڌ جو عوام ڪڏهن به سازش کي برداشت نه ڪندو اسين نااهل ڪرپٽ حڪمرانن کي چتاءُ ٿا ڏيون ته اهڙا نام نهاد ڪوڙا سنڌ دشمن منصوبا فورن ختم ڪري سنڌ جون زمينون اتان جي رهاڪو سنڌين کي ڏنيون وڃن نه ته ٻي صورت ۾ ٻيرلو وانگر تحريڪ شروع ڪنداسين

بقايا 39

جي آسڻ تي منقعد ڪئي ويئي. جنهن جي صدارت درگاهه سيد تاج علي شاهه بودلائي جي سجاده نشين سيد علي حيدر شاهه لڪياري ڪئي. جڏهن ته مهمان خاص سنڌ ڪلچرل فورم جو باني صادق لاکوهو ادبي ڪانفرنس توڙي عرس جي تقريب ۾ سنڌ جي مختلف علائقن مان سوين ماڻهن ۽ ناميارين شخصيتن شرڪت ڪئي. تقريب جي شروعات سيد تاج علي شاهه بودلائي جي مزار تي چادر چاڙهڻ سان ڪئي وئي. جنهن کان پوءِ فنڪارن رجب علي فقير محبت فقير ۽ ٻين سيد تاج علي شاهه بودلائي جون ڪافيون ٻڌايون. تقريب کي منٺار ٻگهيو، محمد عالم ڪيريو ,قاضي جاويد سنائي، قربان علي ڏيٿو، قلندر بخش ملاح، سارنگ ملاح ۽ ٻين خطاب ڪيو. جڏهن ته صدارتي خطاب ۾ سيد علي حيدر شاهه لڪياري ,سيد تاج علي شاهه بودلائي جي زندگيءَ تي روشني وڌي ۽ چيو ته سيد تاج علي شاهه بودلائي جو اصل عشق پنهنجي ڌرتيءَ سنڌ سان هو. ان موقعي تي درگاهه جي سجاده نشين سنڌو درياهه جي پاڻيءَ تي ڌاڙي تي مذمت ڪئي، ۽ چيو ته سنڌو درياهه اسان جو جياپو آهي. سيد علي حيدر شاهه چيو ته سنڌ ۾ اسلام جي ڦهلاءُ ۽ انسانيت جي خدمت جي حوالي لڪياري سادات جو اهم ڪردار رهيو آهي سائين تاج علي شاهه بودلائيءَ پنهنجي وقت جو وڏو صوفي بزرگ هجڻ سان گڏوگڏ سائين جي ايم سيد جي سنڌشناسيءَ ۽ سڄاڳيءَ واري هلچل جو پڻ ساٿي رهيو آهي. سنڌ جو مزاج ڪيهه جيان نرم آهي. سنڌ ڪڏهن به ڪنهن مٿان چڙهائي ناهي ڪئي. سنڌ تي هروقت هر ٽائيم ٻاهران ڪاهون ٿيون ۽ اڄ به سنڌ تي پنهنجن معرفت ئي ظلم جاري آهي. سنڌ ڪلچرل جي باني ۽ چيئرمين صادق لاکو چيو ته ڏکڻ ايشيا جو عوام بکن،ڏکن،بيمارين ۽ ماحولياتي تباهڪارين جي ڪري شديد تڪليف واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهي انڪري ٻنهي ملڪن جا حڪمران توڙي انهن جا سانيڙي جنگي جنون واري هوڏ تان دستبردار ٿي عوام جي فلاح ۽ بهبود لاءِ پاليسيون جوڙي انهن تي عمل ڪرائڻ لاءِ اڳتي اچن. سنڌ جي صوفي بزرگن ۽ شاعرن هميشه عالمي امن ، ترقي بنوادم ۽ مذهبي رواداريءَ جو درس ڏنو آهي سيد تاج علي شاهه بودلائيءَ صوفين جي ان سنگ جو هڪ ڪامل بزرگ ۽ سنڌ دوست شاعر رهيو آهي. اديب استاد محمد عالم ڪيريو چيو ته سنڌوءَ تي ڌاڙو هڻندڙ چور به پاڳين سان گڏ چور چور ڪري رهيا آهن.سيوهڻ کان آيل اديب قربان علي اوٺو چيو ته دعا آهي ته سنڌ ۽ سنڌو درياءَ جون موجون بحال ٿين.سڪرنڊ جي سينئر صحافي ۽ سماج سڌارڪ قاضي جاويد سنائي چيو ته سنڌ جي ساڃاهه وندن کي ڪري ڪوٽي جي سڃاڻپ ڪرڻ جي ضرورت آهي. صادق لاکو سنڌ لاءِ سوچيندڙ ۽ لوچيندڙ آهي. سنڌ جي بزرگن ۽ اوليائن جا آستانا وسندا رهن. ان موقعي تي سنڌ ڪلچرل فورم جي اڳواڻن ممتاز علي ملاح , سارنگ ملاح , مورڙيو ميربحر , محمد علي ملاح ,سڪرنڊ ميڊيا سينٽر جي صدر قربان علي عمراڻي ,مهتاب علي جمالي ,سنڌ پريس ڪلب سڪرنڊ جي صدر نياز چانڊيو,عباس علي انڙ , سڪرنڊ پريس ڪلب جي سينئر صحافي قاضي جاويد احمد سنائي اعجاز علي مگسي، محبت فقير راڄپر، سيد غوث بخش شاهه , جسقم اڳواڻ برڪت جلباڻي ,محمد بخش ڏاهري پاران ادبي ڪانفرنس کي خطاب ڪيو ان کان پهرين درگاهه سيد علي حيدر شاهه لڪياريءَ پاران سينيئر ليکڪ ۽ صحافي محمد بخش ڏاهريءَ کي هرسال ڀرپور نموني سان ادبي ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪرڻ ۽ ڪوريج ڪرڻ جي مڃتا طور محمد بخش ڏاهريءَ کي اجرڪ اوڍائي مڃتا ڏني .ان موقعي تي شاعر قلندر بخش ملاح , سگهڙ فقير منٺار ٻگهيو ,فقير محمد علي ملاح ,غلام نبي ملاح پاران شاعري ۽ بيتن ذريعي ڀيٽا پيش ڪئي. جڏهن ته سنڌ مشهور ڪلاسيڪل راڳي استاد گلزار علي خان سانگهڙائي جي فرزند استاد فقير رجب علي ۽ سندس پاٽرن ,درگاهه جي راڳي فقيرن جي سنگ فقير عبدالڪريم ملاح ۽ فقير سائينداد ملاح پاران ڪلام ڳائي سيد تاج علي شاهه کي ڀرپور ڀيٽا پيش ڪئي وئي.

بقايا 40

تفصيل موجب خيرپور جي هرچوڪ تي مرغي وڪرو ڪندڙ دڪاندار بيمار ۽ مئل مرغي مڪرو ڪرڻ لڳا آهن پنجهٽي، خاڪي شاهه پل ڳاڙهي پل لقمان ۽ ٻين هنڌن تي سري عام بيمار مرغي وڪن ٿا جنهن سبب ماڻهو بيمار ٿي وڃن ٿا انتظاميا ڪو به چيڪ بيلنس نه ٿي ڪري جنهن سبب دڪاندار پئسا ڪمائڻ لاءِ مئل ۽ بيمار مرغي وڪرو ڪن ٿا شهرين وڌيڪ چيو ته انتظاميا کي گهرجي ته دڪاندارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ شهرين کي مختلف بيمارين کان بچايو وڃي.

ايم ڪيو ايم پاڪستان پاران پاڪ فوج سان يڪجهتي طور شڪر جو ڏينهن ملهايو ويو

تقريب ۾ پاڪ فوج پاران ڀارت کي فيصلائتو جواب ڏيڻ جي خوشي ۾ ڪارڪنن ۽ عوام ۾ مٺايون ورهايون ويون

قوم کي پاڪستاني فوج تي فخر آهي جيڪا سرحدن ۽ ملڪ جي بهتر طريقي سان حفاظت ڪري پئي: اڳواڻ

پاڪستاني قوم انهن جي قربانين کي ڪڏهن به وساري نه ٿي سگهي، کي هميشه سونهري اکرن ۾ لکيو ۽ ياد رکيو ويندو

ٺٽو (رپورٽر) متحده قومي موومينٽ (پاڪستان) ٺٽو زون پاران رات دير سان فلٽر پلانٽ گهارو ۾ پاڪ فوج سان يڪجهتي ۽ هندستان کي ڀرپور جواب ڏيڻ ۽ جنگبندي ٿيڻ تي "شڪر جو ڏينهن /ڏسو صفحو 3 بقايا 03

ٺٽو: ايم ڪيو ايم پاران پاڪ فوج جا يڪجهتي طور ريلي ڪڍي پئي وڃي

سرحد ويجهو هٿياربند ٻن ڄڻن کي مبينا اغوا ڪري ويا، پيرا ڪچي طرف روانا

آنڌل سنڌراڻي ٿاڻي جي حد مان مڇي جي تلاءَ تان ٻن ڀائرن جاويد ۽ صدام مهر کي هٿياربند مبينا طور اغوا ڪري ويا

واقعي جو پوليس کي اطلاع ڪيو ويو، واقعي بعد ڳوٺاڻا پوليس جي مدد سان پيرا کڻي ڪچي طرف روانا ٿيڻ جا اطلاع

پٽن جاويد ۽ صدام مهر پنهنجي مڇي جي تلاءَ تي ويل هئا ته واپس ناهن موٽيا جن کي اغوا ڪيو ويو آهي: علي گل مهر

گهوٽڪي (رپورٽ: رشيد ڪليري) سرحد ويجهو هٿياربند ٻن ڄڻن کي مبينا اغوا ڪري ويا، واقعي بعد پوليس کي اطلاع ڪيو ويو. سرحد ويجهو آنڌل سنڌراڻي ٿاڻي /ڏسو صفحو 3 بقايا 07

شڪارپور جي بيواهه جو گڏجي پريس ڪلب وياجين جي ظلمن خلاف احتجاج

پٽ حلوا پڙي جو ريڙهو هڻي گهر جو چرخو هلائيندو آهي سجاد ميمڻ نالي وياجي تنگ پيو ڪري

هڪڙي موبائل ڏئي لکين روپيا ورتا ويا، ڌمڪيون پيون ملن: بيواهه اقبال خاتون سومرو

شڪارپور (د ر) شڪارپور فيض علي شاهه گهٽي جي رهواسڻ بيواهه اقبال خاتون سومرو پنهنجي پٽ فيصل سومرو سان /ڏسو صفحو 3 بقايا 08

شڪارپور: بيواهه پٽ سان گڏجي وياجين خلاف احتجاج ڪري رهي آهي

ڪڍڻ ۾ گهر آڏو قاتلاڻي حملي ۾ زخمي ٿيل نوجوان لاڏاڻو ڪري ويو، ڌرڻو

ستار خان چانڊيو جو نوجوان پٽ الهه جڙيو چانڊيو ڪراچي جي اسپتال ۾ دم ڏئي حوالي ڪيو

ڏيڍ مهيني تائين جوابدار گرفتار نه ٿيا ته ايس ايس پي آفيس آڏو ڌرڻو هڻنداسين: وارث

بدين (د ر) ڪجهه ڏينهن اڳ ۾ شهر ڪڍڻ ۾ /ڏسو صفحو 3 بقايا 13

ميهڙ ٿاڻي تي پرٽ برادري تي ڪيس داخل ٿيڻ بعد پوليس جي چڙهائي، 14 گهر ڊاهي پٽ

پوليس وڏن اٽالن ڳوٺ عيسي پرٽ تي چڙهائي ڪري پرٽ برادري سميت رمضان قمبراڻي ۽ ٻين جا گهر ڊاهي ڇڏيا

رهواسين جو پوليس تي تشدد، گهر ڊاهڻ، اناج، سونا زيور، ڪپڙا، بسترا، سولر پليٽون ۽ بيٽريون کڻڻ جا الزام

پنهور برادري جي ٻن ڌرين ۾ ٿيل جهيڙي ۾ قتل سان اسان جو ڪو واسطو ناهي، انصاف ڪيو: متاثر ڌر

ميهڙ (رپورٽر) 2 ڏينهن اڳ ميهڙ پوليس جي سنڌي ٻتڙا تي چڙهائي ڪرڻ دوران پوليس پاران پنهور برادري جي گهرن ۾ گهڙي /ڏسو صفحو 3 بقايا 18

ميهڙ: پرٽ برادري جا ماڻهو پوليس جي چڙهائي خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

نواب ولي محمد ۾ پاڪ فوج پاران هندستان کي منهن ٽوڙ جواب تي شهرين جي ريلي

دنيا ڏٺو پاڪ فوج هندستان جي جارحيت جو منهن ٽوڙ جواب ڏئي ڪيس خاموش ڪرائي ڇڏيو: اڳواڻ

دشمن فوج جا ائيربيس سنڌس ملڪ ۾ وڃي تباهه ڪري سڄي قوم جو ڳاٽ فخر سان اوچو ڪري ڇڏيو

ڀارت جي بزدل فوج پاڪستان جي شاهينن آڏو بيهي نه سگهي ۽ هٿيار ڦٽا سيز فائر ڪرڻ تي مجبور ٿي

نواب ولي محمد (رپورٽر) نواب ولي محمد ۾ پاڪ فوج پاران هندستان کي منهن ٽوڙ جواب ڏئي ناپاڪ ارادن کي تباهه ڪرڻ خلاف پاڪستان لڪس سروس مين سوسائٽي جي عبدالستار چانڊيو، ياسين ڪان، /ڏسو صفحو 3 بقايا 19

نواب ولي محمد: هندستان جي جارحيت ۽ پاڪ فوج جي حمايت ۾ ريلي ڪڍي پئي وڃي

بدين ۾ پاڪ فوج جي ڪاميابي تي مختلف سرڪاري جاين تي قومي جهنڊو ڦڙڪايو ويو

ڊپٽي ڪمشنر ياسر ڀٽي پاران ضلعي جي سمورين سرڪاري آفيسن توڙي ٻين جاين تي قومي جهنڊو ڦڙڪايو ويو

آهي ان قدم جو مقصد قومي فخر، يڪجهتي ۽ شهري ذميوارين جو احساس اجاگر ڪرڻ آهي: ڊي سي

هي عمل اسان جي قومي اتحاد، يڪجهتي، ۽ ملڪ جي قدرن جي پاسداري لاءِ بي مثال عزم جو عڪس آهي

بدين (د ر) چيف سيڪريٽري سنڌ جي هدايتن تي ڊپٽي ڪمشنر بدين ياسر ڀٽي پاران ضلعي بدين جي سمورين سرڪاري آفيسن، سرڪاري رهائش گاهن /ڏسو صفحو 3 بقايا 25

گهوٽڪي ۾ پرسان نوجوان کان نامعلوم هٿياربند موٽرسائيڪل ڦر ڪري فرار

قومي شاهراهه تي نوجوان نويد سومرو کان نامعلوم هٿياربند موٽرسائيڪل ۽ ٻيو سامان ڦر ڪري ويا

متاثر نوجوان ڦر ٿيل موٽرسائيڪل ۽ سامان واپس ڪرائڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو

گهوٽڪي (رپورٽر) گهوٽڪي پرسان سرحد جي قومي شاهراهه تي نوجوان کان نامعلوم هٿياربند موٽرسائيڪل ڦر ڪري /ڏسو صفحو 3 بقايا 27

حق ۽ سچ جي صحافت ماڻهن جي مسئلن جو حل آهي: سورج سجاولي

صحافي دوست ئي ماڻهن جا مسئلا اعليٰ ايوانن تائين پهچائڻ ۾ ڪردار ادا ڪندا آهن

سينئر صحافي دوست هڪ ڏينهن سجاول ۾ هڪ پريس ڪلب هجڻ گهرجي: عبداللطيف ميمڻ

سجاول (رپورٽر) سجاول جي سياست ۾ سرگرم /ڏسو صفحو 3 بقايا 28

سامارو ۾ پاڪ فوج جي حمايت راجوٽي اتحاد پاران ريلي، ڀارت خلاف نعريبازي

سامارو (رپورٽر) سامارو ۾ پاڪ فوج جي حمايت ۽ ڀارتي جارحيت خلاف سامارو راجوٽي اتحاد جي دانيال خاصخيلي شبير خاصخيلي حاجي بابا خاصخيلي سڪندر /ڏسو صفحو 3 بقايا 26

عوامي پورهيت تحريڪ پاران ڪارپوريٽ فارمنگ خلاف 3 ڪلوميٽر پيادل مارچ

ڪارپوريٽ فارمنگ جي نالي سان پنهنجن من پسند ماڻهن کي زمينون ليز ڏني پئي وڃي: اڳواڻ

اسين نااهل ڪرپٽ حڪمرانن کي چتاءُ ٿا ڏيون ته اهڙا نام نهاد ڪوڙا سنڌ دشمن منصوبا فورن ختم ڪري

سنڌ جون زمينون اتان جي رهاڪو سنڌين کي ڏنيون وڃن نه ته بي صورت ۾ ڀرپور انگر تحريڪ شروع ڪنداسين

ميهڙ (رپورٽر) سنڌ جون زمينون سنڌ جا وسيلا ڪارپوريٽ فارمنگ جي نالي سان نيلام ڪرڻ خلاف عوامي پورهيت تحريڪ جي مرڪزي چيئرمين ايڊوڪيٽ جي اين ڪوسو، عوامي پورهيت سنڌ ياڻي تحريڪ /ڏسو صفحو 3 بقايا 38

ميهڙ: عوامي پورهيت تحريڪ پاران پيادل مارچ ڪڍيو پيو وڃي

سکر: گم ٿيل نينگري گهر واپس ٿيڻ بعد وارث ميڊيا سان ڳالهائي رهيا آهن

سکر پوليس جو ڪارنامو، وڏيڪ گم ٿيل نينگري ڳولهي وارثن حوالي

ايس ايڇ او آباد ٿاڻو ذوالفقار چاچڙ گم ٿيل آمنه نالي هڪ ٻارڙي کي ڳولهي ورتو

نينگري چاچي داد الله ولد شاهنواز رند ۽ ان جي ماءُ حوالي ڪري ڇڏيون وارثن ۾ خوشي جي لهر

سکر (بيورو رپورٽ) سکر پوليس پاران جاري ڪيل بيان موجب سکر پوليس هڪ ئي گم ٿيل ٻارڙي کي ڳولهي وارثن حوالي /ڏسو صفحو 3 بقايا 04

شهدادپور ۾ ٻن سڳن ڀائرن جو پاڻي جي واري تاءُ جهيڙو، ٻئي زخمي

جهيڙي ۾ گولي لڳڻ سبب معشوق زرداري طفيل زرداري سخت زخمي ٿي پيا

زخمين کي مقصود رند پوليس سمس اسپتال آندو حالت خراب هجڻ سبب حيدرآباد ريفر

شهدادپور (رپورٽر) شهدادپور ويجهو مقصودو ايت دريا خان رند ٿاڻي جي حد ۾ ڳوٺ عبدالحڪيم زرداري ۾ ٻن سڳن ڀائرن /ڏسو صفحو 3 بقايا 05

سڪرنڊ ويجهو پٽئي ٻيلي مان نا معلوم شخص جو لاش هٿ

اطلاع تي ريسڪيو ٽيم واقعي واري هنڌ پهچي لاش تعلقه اسپتال سڪرنڊ پهچايو

سڃاڻپ نه ٿيڻ ڪري تعلقه اسپتال جي مرده خاني ۾ امانت طور رکيو ويو

سڪرنڊ (رپورٽر) سڪرنڊ لڳ ڪچي جي علائقي ۾ قائم پٽئي ٻيلي مان نا معلوم شخص جو لاش هٿ آيو آهي. جنهن /ڏسو صفحو 3 بقايا 06

سانگهڙ: مدرسي جا طالبين پاڪ فوج جي حمايت ۾ ريلي ڪڍي رهيا آهن

گهوٽڪي 91 ريڊيو ايف ايم جي 18 هين سالگرهه تقريب منعقد

اسٽيشن مئنيجر سيد غضنفر بخاري، سالگرهه جو ڪيڪ ڪٽي پاڪ فوج کي پڻ ڀيٽا پيش ڪئي

ريڊيو ايف ايم فيملي چينل آهي جنهن لمحو کي نه صرف انٽرٽيمينٽ پر خبرون ۽ مسئلن کي اجاگر ڪيو: بخاري

گهوٽڪي (رپورٽر) گهوٽڪي 91 ريڊيو ايف ايم جي 18 هين سالگرهه جي رنگا رنگ تقريب گهوٽڪي 91 ريڊيو ايف ايم /ڏسو صفحو 3 بقايا 14

پاڪستان جي عوام پاڪ فوج سان گڏ آهي: ذيشان انيس جوڻيجو

ڪافر مودي پاڪ فوج کي شڪست ڏيڻ جي دماغ مان هوا ڪڍي ڇڏي: وڪيل اڳواڻ

بدين (د ر) پاڪستان جي عوام پاڪ فوج سان /ڏسو صفحو 3 بقايا 15

سکر: ٻه هفتا اڳ ڪوسا برادري جي ٽن مقتول نوجوانن سميت 4 ڄڻن جا قاتل گرفتار نه ٿيا، احتجاج

جتوئي برادري مصراڻي پاڙي جي ڏوهارين نوجوان قتل ڪيو هيو ڪيس تان هٿ ڪڍائڻ لاءِ وري حملو ڪيو ويو: مظاهرين

2 هفتا اڳ جوابدارن حملو ڪري سمير، علي حيدر ۽ شيراز ڪوسو سميت پورهيت عبدالله چوهاڻ کي قتل ڪيو

جوابدار اسان کي ۽ پوليس کي ڌمڪيون ڏئي ويڊيو وائرل پيا ڪن، نوٽيس وٺي جوابدارن خلاف ڪارروائي ڪريو

سکر (بيورو رپورٽ) سکر جي قريشي ڳوٺ ۾ ٻه هفتا اڳ مارجي ويل ڪوسا برادري جي ٽن نوجوانن سميت 4 ڄڻن جا قاتل گرفتار نه ٿيا. ڪوسا برادري پاران جوابدارن جي گرفتاري لاءِ قريشي ڳوٺ ۾ /ڏسو صفحو 3 بقايا 17

شڪارپور: ٻارن جي معمولي ڳالهه تان جهيڙي جا زخمي داخل رهيا آهن

شڪارپور ۾ ٻارن جي ڳالهه تان جهيڙو هڪ ڄڻو زخمي

صبح سوير ٻارڙا پاڻ ۾ وڙهيا، رشتيدار اشفاق ۽ ٻيا ٻنا جواز گهر ۾ گهڙي زخمي ڪيو

جاڳايل جوابدارن کي گرفتار ڪري مونکي انصاف ڏياريو وڃي: مطالبو

شڪارپور (د ر) شڪارپور ۾ ٻارن جي ڳالهه تان جهيڙو هڪ ڄڻو پورهيت ڪهاڙي لڳڻ سبب زخمي ٿي پيو جو /ڏسو صفحو 3 بقايا 23

نصيرآباد پوليس جون ڪارروايون، ٻه منشيات فروش گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

پوليس ديوان اشوڪ ڪمار کي 10 شراب جي بوتلن سميت گرفتار ڪرڻ جي دعوا ڪئي

ٻارن کي منشيات جهڙي موضي جو عادي بڻايو پيو وڃي، ڪارروايون ڪنداسين: پوليس

نصيرآباد (رپورٽر) ايس ايس پي قمبر شهدادڪوٽ جي سخت هدايتن تي ايس ايڇ او نصيرآباد پوليس نفري ساڻ گڏ شهر جي /ڏسو صفحو 3 بقايا 24

نصيرآباد: پوليس ڪارروائي دوران گرفتار ٿيل جوابدار ميڊيا آڏو پيش ڪيا پيا وڃن

واهي پانڌي ۾ تعليمي نجي اداري پاران ساليانيا ايوارڊ تقريب

ناليج ان فار رائزنگ اسٽار ڪاڇي ۾ تعليم جي ميدان ۾ روشنيءَ جو ڏيئو ٻاريو آهي: مقرر

تقريب ۾ وڪيل بشرا افتخار، پروفيسر نادر جمالي اميرزادي برهماڻي ۽ ٻين جي شرڪت

واهي پانڌي (رپورٽر) واهي پانڌي ۾ تعليمي نجي اداري "ناليج ان فار رائزنگ اسٽار" پاران ساليانه تقريب جو شاندار پروگرام /ڏسو صفحو 3 بقايا 31

شهدادپور ۾ مفت طبي ڪئمپ قائم، مريضن کي مفت دوائون ڏنيون ويون

سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن ۽ سنڌ گرين فائونڊيشن طرفان ڪيمپ لڳائي وئي

ڪيمپ ۾ مختلف علائقن کان مسڪين غريب مريضن چيڪ اپ ڪرائي دوائون حاصل ڪيون

ملدسي (رپورٽر) شهدادپور ۾ مفت طبي ڪئمپ ۽ بنيادي صحت جي آگاهي لاءِ هڪ ڏينهن روزا مفت ڪئمپ علاما آئي آئي قاضي /ڏسو صفحو 3 بقايا 32

اڄ ڪلهه جي شاعري ۾ مزاحمت جي ڪوٽ آهي: سجاد ميراڻي

سنڌ تي ڏکيو وقت آهي، اديب ۽ شاعر ان جي نشاندهي ڪري مزاحمتي ادب سرجين

خيرپور (د ر) سنڌي ادبي سنگت پريالوءَ /ڏسو صفحو 3 بقايا 33

سڪرنڊ: سيد تاج علي شاهه بودلائيءَ جي 43هين عرس مبارڪ جي موقعي 27 ادبي ڪانفرنس

عرس تي ادبي ڪانفرنس درگاهه سيد تاج علي شاهه بودلائي جي آسڻ تي منعقد ڪئي ويئي، اديبن جي شرڪت

ادبي ڪانفرنس توڙي عرس جي تقريب ۾ سنڌ جي مختلف علائقن مان سوين ماڻهن ۽ ناميارين شخصيتن شرڪت

فنڪارن رجب علي فقير، محبت فقير ۽ ٻين سيد تاج علي شاهه بودلائي جون ڪافيون ڳايون

سڪرنڊ (رپورٽر) سنڌ جي تاريخي ماڳ دليل ڪوٽ ۾ سنڌ ڪلچرل فورم طرفان سيد تاج علي شاهه بودلائيءَ جي 43هين عرس مبارڪ جي موقعي ستاويهن ادبي ڪانفرنس درگاهه سيد تاج علي شاهه بودلائي /ڏسو صفحو 3 بقايا 39

راڌڻپور: رهواسڻ جو پٽ سان گڏ ٻاڻن جي زيادتين خلاف احتجاج

ٻاڻر ظهير، ارشد، منصور آغا، رضا علي، وجهه الدين زمين تي قبضي لاءِ مارڻ چاهين ٿا

مڙس فوت ٿيو ته پئسا به زمين جا وڏائي ورتائون، سندن خلاف ڪارروائي ڪريو: مسمات دريا خان پيلار

ٻاڻرن خلاف قانوني ڪاروائي ڪري جان بچائڻ لاءِ تحفظ مهيا ڪيو وڃي

راڌڻپور (رپورٽر) راڌڻپور ويجهو ڳوٺ وڏا پيلار جي رهواسڻ پنهنجو پٽ ساڻ ڪري صحافين اڳيان پهچي ٻاڻر ظهير پيلار سندس پٽن خلاف اڪٽ مارڻ جون /ڏسو صفحو 3 بقايا 01

راڌڻپور: پيرسن جو پٽ سان گڏجي ٻاڻرن خلاف احتجاج ڪري رهي آهي

پاڪستان جي ڪاميابي الله جي مدد ۽ قومي اتحاد جو نتيجو آهي: عبدالقيوم هاليجوي

خيرپور (د ر) جي يو آءِ سنڌ جي امير مولانا عبدالقيوم هاليجوي خيرپور ۾ صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته جنهن آءِ /ڏسو صفحو 3 بقايا 02

سانگهڙ ۾ طالبن پاران پاڪ فوج ۽ پاڪ فضائيه جي حمايت ۾ ريلي، خراج تحسين پيش

قاري عبدالباسط ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ طالبن هندستان جو غرور ڪچلڻ تي پاڪ فوج جي حمايت ۾ ريلي ڪڍي

جيئڻ جوانن دشمن کي ڪجهه ڪلاڪن ۾ منهن ٽوڙ جواب ڏنو، اهو قوم جو هٿياربند فوج تي اعتماد جو ثبوت آهي

ريلي جي آخر ۾ شهيدن جي درجن جي بلندي ۽ ملڪ جي سلامتي لاءِ دعا پڻ گهري وئي

سانگهڙ (رپورٽ: غلام رسول تاريجو) سانگهڙ ۾ مدرسي جي طالبن پاران پاڪ فوج کي خراج تحسين پيش، ريلي ڪڍي وئي، ايم اي جناح روڊ کان پريس ڪلب تائين ريلي، نعرا لڳايا ويا، قومي جذبو نظر آيو. تفصيل موجب سانگهڙ ۾ قاري /ڏسو صفحو 3 بقايا 09

بدين ۾ رٽائرڊ فوجين جي تنظيم پاران پاڪ فوج ۽ ايئر فورس کي خراج تحسين

پاڪ فوج جي جوانن هميشه پنهنجي ملڪ ۽ قوم جي حفاظت لاءِ جان جا نذرانا ڏنا: اڳواڻ

پاڪستان فورسز کي ڀارت خلاف جنگي برتري تي کيس خراج تحسين پيش ڪريون ٿا

بدين (د ر) رٽائرڊ فوجين جي تنظيم پاران پاڪ آرمي ايئرفورس ۽ نيوي کي خراج تحسين پيش ڪرڻ لاءِ ريلي ڪڍي پريس ڪلب /ڏسو صفحو 3 بقايا 11

سکر ۾ تنظيم خطباءِ اهلسنت والجماعت پاران مجلس عاملا جو گڏيل اجلاس منعقد

سکر (بيورو رپورٽ) تنظيم خطباءِ اهلسنت والجماعت ضلع سکر پاران، عثماني غني مسجد فريڪل ڪالونيءَ ۾ مجلس عاملا جو گڏيل اجلاس تنظيم جي /ڏسو صفحو 3 بقايا 10

شهدادپور ۾ مقتول پورهيت پريل خاصخيلي جو قتل ڪيس داخل

مقتول جي پاءُ جي فرياد تي نامعلوم جوابدارن خلاف داخل ڪابه گرفتاري نه ٿي

ڪيس سنڌس پاءُ نامعلوم جوابدارن خلاف داخل ڪرايو، واقعي جي جاچ ڪري رهيا آهيون: ڊي ايس پي

شهدادپور (رپورٽر) شهدادپور ۾ 5 ڏينهن اڳ هٿياربندن جي فائرنگ ۾ گولي لڳڻ سبب اوطاق تي ويٺل ڳوٺاڻي جي مارجي /ڏسو صفحو 3 بقايا 12

سکر موٽر ورڪس ايسوسيئيشن پاران پاڪ فوج جي حمايت ۽ پاڪستان جي شاندار فتح تي ريلي

شيطاني ذهنيت واري نريندر مودي بلاجواز پاڪستان مٿان جنگ مڙهي ملڪ جي تباهي ڪرائي: اڳواڻ

هندستان پاڪ فوج جي هڪ ڪارروائي جي ڏپ نه جهلي، امريڪي صدر جي پيرن تي ڪري جنگ بندي لاءِ منٿون ڪيون

اسان پاڪستاني فوج جي آرمي چيف سميت ٻين جرنيلن ۽ جوانن کي سلام پيش ڪيون ٿا، پاڪ فوج زنده باد

سکر (بيورو رپورٽ) پاڪ فوج جي حمايت ۽ پاڪستان جي شاندار فتح جي خوشي ۾ سکر موٽر ورڪس ايسوسيئيشن پاران سيد سجاد علي شاهه اڪرم مستوئي محبوب حسين نعيم مغل شهزاد اڪبر /ڏسو صفحو 3 بقايا 16

سکر: موٽر ورڪس ايسوسيئيشن پاران ڀارت جي جارحيت خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

خانپور مهر ۾ پاڪ فوج جي حمايت ۾ ڌار ڌار ريليون، پاڪ فوج زنده آباد

هندو پنچائت جي سڏ جي شهرين ۽ سول سوسائٽي جي ماڻهن پاران شاندار ريلي ڪڍي وئي

ريلي ۾ روينيو، صحت کاتي جي عملدارن سميت سماجي ڪارڪنن سميت وڏي انگ ۾ عوام جي شرڪت

اسين پاڪ فوج کي سلام پيش ڪيون ٿا، پاڪ فوج پنهنجي ملڪ جي حفاظت ڪرڻ ڄاڻي ٿي: عملدار

خانپورمهر (رپورٽر) خانپور مهر ۾ پاڪ فوج جي حمايت ۾ ڌار ڌار ريليون ڪڍيون ويون، خبر موجب خانپورمهر ۾ هندو پنچائت جي سڏ جي شهرين ۽ سول سوسائٽي جي ماڻهن پاران شاندار ريلي ڪڍي /ڏسو صفحو 3 بقايا 20

نوابشاهه جي اسپتال جي وي سي خلاف اڄ قاضي احمد ۾ احتجاجي مظاهرو ٿيندو

نواب ولي محمد (رپورٽر) نوابشاهه جي اسپتال /ڏسو صفحو 3 بقايا 21

خانپور مهر: پاڪ فوج جي حمايت ۾ ريلي ڪڍي پئي وڃي

پي ٽي آءِ ڪارڪنن خلاف انتقامي ڪارروايون پيون ٿين: لال مالهي

سامارو (رپورٽر) ضلعي عمرڪوٽ ۾ حڪمران /ڏسو صفحو 3 بقايا 22

اوپاوڙو سوني شاخ جي آبادگارن جو سيڪريٽري ايريگيشن انجنيئر ماٿيلي خلاف احتجاج

ظلم آهي اسان جي ٻچن جي روزي آهي سوني شاخ ۾ پاڻي ناهي سوني شاخ جي ڪاٽي به نه ٿي آهي: آبادگار

اسان جڏهن آيس ڊي او ڏهرڪي ايريگيشن نعيم آفتاب نائيچ سان رابطو ڪيوسين ته ان ڌمڪي ڏني

افسوس آهي اسان جي هزارين ايڪڙ زمين بنجر ٿيڻ جو خطرو آهي سوني شاخ ۾ پاڻي ڏئي آبادگارن سان انصاف ڪريو

اوپاوڙو (رپورٽر) عبدالغفار پنهور اوپاوڙو سوني شاخ جي آبادگارن جو سيڪريٽري ايريگيشن انجنيئر مير پور ماٿيلو /ڏسو صفحو 3 بقايا 29

گيچاڻي ويا سرهاري لنڪ روڊ جو مرمتي ڪم نه ٿيڻ خلاف ڳوٺاڻن احتجاجي مظاهرو

گيچاڻي (رپورٽر) گيچاڻي ويا سرهاري لنڪ روڊ جو /ڏسو صفحو 3 بقايا 30

وڳڻ ۾ شهري پاڪ فوج جي حمايت ۾ رستن تي نڪري آيا

ٽوناٽي اتحاد ۽ شهرين پاران پاڪ فوج جي حمايت ۾ ريلي ڪڍي

ڀارت جنگي جنون سبب دنيا ۾ ناڪام ٿي ويو آهي: اڳواڻن جو خطاب

وڳڻ (رپورٽر) وڳڻ ۾ ٽوناٽي اتحاد ۽ شهرين پاران پاڪ فوج جي حمايت ۾ روڊن تي نڪري مک چوڪ کان سٽي پريس /ڏسو صفحو 3 بقايا 34

نوجوان شهيد نويد چني جو قاتل پوليس جمعدار نڪتو، گرفتاري نه ٿي

جروار (رپورٽر) ٻه هفتا اڳ نوجوان شهيد نويد چني جي قتل جا پيرا پوليس اسٽيشن /ڏسو صفحو 3 بقايا 35

سجاول شهيد هوش محمد شيدي جي ورسي منعقد، ڀيٽا پيش

هوشو مرسون مرسون سنڌ نه ڏيسون جا نعرا هڻي دشمن جي صفن ۾ ڀاڄ وڌي: اڳواڻ

شهيد هوش محمد شيدي دشمن کي للڪار ڪري سنڌ جي وطني حيثيت بچائڻ جي ڪوشش ڪئي

سجاول (رپورٽر) جيئي سنڌ قومي پارٽي طرفان سجاول جي وڏي وسندي ۽ چار ڳوٺ ۾ شهيد هوش محمد شيدي جي ورسي جي /ڏسو صفحو 3 بقايا 36

پاڪ فوج پاران ڀارتي جنگي جنون ڪچلڻ تي بدين ۾ به يوم تشڪر ملهايو ويو

اي ڊي سي ون ڪاشف رضا منگي جي قيادت ۾ ڊي سي آفيس کان ريلي ڪڍي وئي

ڀارت رات جي اونداهه ۾ پاڪ وطن تي حملو ڪيو، اسان جي باهمت بهادر فوج ڀرپور جواب ڏنو: ڪاشف رضا منگي

هڪ دفعو ٻيهر پاڪ فوج دنيا تي ثابت ڪيو ته اسان جي فوج دنيا جي قابل فوج آهي: ريلي کي خطاب

بدين (د ر) ڀارتي جنگي جنون جي خلاف پاڪ فوج جي ڀرپور ڪامياب جوابي ڪارروائي تي پوري ملڪ جيان بدين ۾ به يوم تشڪر ملهايو ويو انهي سلسلي ۾ مرڪزي ريلي ڊپٽي ڪمشنر بدين ياسر ڀٽي /ڏسو صفحو 3 بقايا 37

بدين: پاڪ فوج جي بهادري ۽ ڀارت کي منهن ٽوڙ جواب ڏيڻ تي يڪجهتي طور ريلي ڪڍي پئي وڃي